روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 24 مئي 2023 ع بمطابق 03 ذوالقعد 1444 ھ (قيمت 05 رپيا) شمارو 358

اليڪشن سان ڪروڙين عوام جا حق لاڳاپيل آهن: سپريم ڪورٽ

وفاق ۽ پنجاب حڪومت عدالت ۾ جيڪو جواب جمع ڪرايو اهو اسان کي هاڻي مليو آهي (اليڪشن ڪميشن جو وڪيل) شايد تحريڪ انصاف جواب جمع ناهي ڪرايو: جسٽس عمر عطا بنديال

تحريڪ انصاف سميت ڪنهن ڌر جي جواب جي ڪاپي ناهي ملي اليڪشن ڪميسن جي وڪيل اپيل ڪئي ته جوابن جو جائزو وٺڻ لاءِ موقعو ڏنو وڃي: اليڪشن ڪميشن جو وڪيل

اوهان پنهنجي درخواست تي ته دليل ڏيو ايندڙ ٻڌڻي تي ڪوئي نئون نقطو اٿارڻو هجي ته اٿاري سگهون ٿا: چيف جسٽس

ڪوبه جواب پهريان ڪان مون کي فراهم ناهي ڪيو (اليڪشن ڪميشن جو وڪيل) ڇا اسان اوهان جي مدد ڪريون ته جوابن ۾ ڇا چيو ويو آهي: چيف جسٽس

جيڪڏهن چونڊن جو ڪيس هاءِ ڪورٽ مان ٿيندي اچي ها ته ڇا سول ڪيس نه ٿئي ها (جسٽس منيب اختر) هاءِ ڪورٽ جو آئيني اختيار سپريم ڪورٽ کان وڌيڪ آهي: سجيل سواتي

نظرثاني کي اپيل ۾ تبديل نه ڪريو آئين آرٽيڪل 184(3) ۾ اپيل جو حق ناهي ڏنو دائرو وڌائڻ لاءِ آئين واضح هجڻ گهرجي: ٻڌڻي دوران چيف جسٽس جا ريمارڪس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ پنجاب ۾ چونڊن لاءِ ڏنل تاريخ تي نظرثاني جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪندي ريمارڪس ڏنا آهن ته چونڊن سان پنجاب خيبرپختونخواه جي ڪروڙين عوام جا حق لاڳاپيل آهن عوامي مفاد 90 ڏينهن ۾ چونڊون ٿيڻ ۾ آهي آڳاري تي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان، وفاقي ۽ صوبائي پاران داخل نظرثاني درخواست تي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسان کي صحافين ۽ سياسي پارٽي جي ترجمان ۾ فرق ڪرڻو پوندو: مريم اورنگزيب

ڪنهن هڪ صحافي جو نالو ٻڌايو جيڪو اسان جي حڪومت ۾ گم ٿيو هجي ان تي گولي هلائي وئي هجي اغوا ڪيو ويو هجي يا ان جون پاسيريون ڀڳيون ويون

عمران رياض صحافي نه آهي سياسي پارٽي جو ترجمان آهي جيڪو صحافي سياسي پارٽين جي ترجماني ڪري يا تشدد کي هوا ڏي ته ان کي انهن صحافين سان نه ڳڻيو وڃي

جيڪي آزاد صحافت تي يقين رکندا هجن هن سوال تي وفاقي وزير چيو ته عمران خان کي سنڌس دور ۾ عالمي صحافتي تنظيم ميڊيا پريڊيٽر جو خطاب ڏنو

شهبازشريف جي دور ۾ پاڪستان جي ميڊيا فريڊم انڊيڪس ۾ 7 درجا بهتري آئي عمران خان پنهنجي دور ۾ صحافين کي گرفتار ڪرايو صحافين جي نڙي تي ننهن ڏنو

انهن جا هلندڙ پروگرام بند ڪيا ٽي وي چينل بند ڪيا جڏهن ته اسان جي دور ۾ سڀ ٽي وي چينل هلي رهيا آهن هر اينڪر کي ڳالهائڻ جي آزادي آهي، ڪنهن جو آواز بند ناهي ڪيو ويو

ڪوبه شخص غائب ٿيو هيج ته اسان ان جي مذمت ڪئي آهي عمران رياض جي خلاف عدالتن ۾ ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهن: سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ سماءَ بابت وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته اسان کي صحافين ۽ سياسي پارٽي جي ترجمانن ۾ فرق ڪرڻو پوندو جيڪو صحافي سياسي پارٽين ۾ شامل ٿي وڃي اهو صحافي جي حقن جي دعويٰ نٿو ڪري سگهي اها ڳالهه هن برطانوي صحافي سڪندر ڪرماني سان ڳالهائيندي ڪئي وفاقي وزير چيو ته ڪنهن هڪ صحافي جو نالو ٻڌايو جيڪو اسان جي حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: سنڌ سماءَ بابت وفاقي وزير مريم اورنگزيب ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

شهيدن جي ياد ۾ ملهائي ويندڙ ڏهاڙي جي موقعي تي آل پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز فيڊريشن اسڪول بند رکڻ جو اعلان

اسلام آباد (م د) شهيدن جي ياد ۾ ملهائي ويندڙ ڏهاڙي جي موقعي تي آل پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز فيڊريشن اسڪول بند رکڻ جو اعلان ڪيو آهي آل پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز فيڊريشن جي صدر ڪاشف مرزا موجب بورڊ امتحان شيڊيول موجب ٿيندا. پرائيويٽ اسڪولن ۾ ريگيولر ڪلاسون 26 مئي تي شيڊيول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ترقياتي ڪمن بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

شيرين مزاري ۽ فياض الحسن چوهان پاران پي ٽي آءِ ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان

ايم پي اي فياض الحسن چوهان پريس ڪانفرنس ۾ پارٽي ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪيو

هاڻي منهنجو ٻار، ماءُ ۽ منهنجي صحت پهرين ترجيح آهي: شيرين مزاري

پي ٽي آءِ يا ڪنهن سياسي پارٽي جو حصو ناهيان، گذريل 10، 12 ڏينهن جي وچ ۾ منهنجي صحت خراب ٿي وئي هئي

پارٽي اڳواڻ گرفتار ٿيا پر عمران خان ڪنهن جي مذمت نه ڪئي، منهنجي خاندان جا 4 ڀاتي گرفتار ٿيا: فياض الحسن چوهان

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ انصاف جي سينيئر اڳواڻ شيرين مزاري پي ٽي آءِ ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي ڪجهه دير بعد راولپنڊي مان پنجاب اسيمبلي جي چونڊيل پي ٽي آءِ جي ايم پي اي فياض الحسن چوهان به پريس ڪانفرنس ۾ پارٽي ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪيو شيرين مزاري پريس ڪانفرنس ڪندي اعلان ڪيو ته هاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

تحريڪ انصاف جي سينيئر اڳواڻ شيرين مزاري ۽ فياض الحسن چوهان (فائيل فوٽو)

وفاقي حڪومت 25 مئي تي عام موڪل جي خبرن تي وضاحت ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م د) سنڌ سماءَ بابت وفاقي وزير مريم اورنگزيب 25 مئي تي عام موڪل جي خبرن تي وضاحت ڏئي ڇڏي، پنهنجي بيان ۾ مريم اورنگزيب چيو ته 25 مئي تي شهيدن جي ياد ۾ ملهائي ويندڙ ڏهاڙي تي عام موڪل نه هوندي، هن وضاحت ڪئي ته سوشل ميڊيا تي 25 مئي تي موڪل جو گردش هيٺ نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بجيٽ وفاقي ڪابينه مان منظوري کان پوءِ 9 جون تي پيش ٿيندي

غريب ۽ وچولي طبقي جون مالي ڏکيائيون گهٽائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن: شهباز شريف

پينشن سڌارن کي جلد آخري شڪل ڏني وڃي تخليقي طريقو اختيار ڪندي پينشن فنڊ قائم ڪيو وڃي

حڪومت جي تڪڙي حڪمت عملي سان يوريا ڀاڻ جو اگهه لاڳيتو گهٽ ٿي رهيو آهي: اجلاس دوران ڳالهيون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم محمد شهبازشريف هدايت ڪئي ته ايندڙ وفاقي بجيٽ ۾ عام ماڻهو کي رليف ڏيڻ جي حوالي سان جوڳا قدم غريب ۽ وچولي طبقي جون مالي ڏکيائيون گهٽائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

مودي جيڪو ڊرامو رچائي رهيو آهي اهو سڄي دنيا ڏسي رهي آهي: بلاول

ڀارت طرفان جي 20 اجلاس منعقد ڪرڻ عالمي قانونن ۽ گڏيل قومن جي ٺهرائن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ ۽ ڀارت پاران والاريل ڪشمير جي غير قانوني قبضي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان جا نمائندا ان ئي ڏينهن ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪري رهيا آهن: ڪشمير جي علائقي باغ ۾ عوامي جلسي کي خطاب

آزاد ڪشمير (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين، پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري آزاد ڪشمير جي علائقي باغ ۾ عوامي جلسي کي خطاب ڪندي چيو آهي ته ڀارت طرفان جي 20 اجلاس منعقد ڪرڻ عالمي قانونن ۽ گڏيل قومن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

والاريل ڪشمير: جي 20 اجلاس خلاف مڪمل شٽر ڊائون هڙتال

مودي سرڪاري طرفان والاريل ڪشمير ۾ غير انساني پابنديون مڙهيون ويون

سري نگر ۾ ڀارتي فوج، پيرا ملٽري فورسز، ايليٽ نيشنل گارڊز ۽ ڪمانڊوز مقرر ڪيا ويا

اسلام آباد (م د) والاريل ڪشمير ۾ عوام طرفان جي 20 اجلاس جو مڪمل بائيڪاٽ ڪندي وادي ۾ مڪمل شٽر ڊائون هڙتال آهي آل پارٽيز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سپريم ڪورٽ آڊٽ نٿي ڪرائي ته آئين کي ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏيو: پي اي سي چيئرمين

نور عالم خان جي صدارت هيٺ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

سپريم ڪورٽ رجسٽرار جي عدم پيشي تي اسٽيبلشمينٽ ۽ لا ڊويزن کان راءِ وٺي ايڪشن وٺڻ جي تجويز ڏني وئي

آمريڪا، چين، ڀارت ۽ ڪينيڊا ۾ به سپريم ڪورٽ سميت سڀني ادارن جي آڊٽ ٿيندي آهي: نور عالم خان

اسلام آباد (م د) پارليامينٽ جي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي چيئرمين نور عالم خان چيو آهي ته جيڪڏهن سپريم ڪورٽ آڊٽ نٿي ڪرائي ته آئين کي ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏيو نور عالم خان جي صدارت هيٺ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: اڳوڻو وزيراعظم عمران خان جوڊيشل ڪمپليڪس جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيشي لاءِ اچي رهيو آهي

هنگو ۾ دهشتگردن جو گيس پلانٽ تي حملو، 4 ايف سي اهلڪارن سميت 6 ڄڻا شهيد

منجي خيل ۾ مول گيس ڪمپني پلانٽ تي صبح 3 کان 4 وڳي وقت دهشتگردن حملو ڪري ڏنو

6 شهيد اهلڪارن 2 ڪلاڪ کان وڌيڪ دهشتگردن سان دليري سان مقابلو ڪيو: ڊي ايس پي عرفان

پوليس ۽ فرنٽيئر ڪور جي دستن علائقي ۾ پهچي سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي

ڪوهاٽ (م د) هنگو ۾ مول ڪمپني پلانٽ تي دهشتگردن جي حملي سبب فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جا چار اهلڪار ۽ 2 نجي سيڪيورٽي گارڊ شهيد ٿي ويا، رپورٽ موجب ڊي ايس پي ٽل عرفان ٻڌايو ته ٽل تعلقي ٽل جي علائقي منجي خيل ۾ مول گيس ڪمپني پلانٽ تي صبح 3 کان 4 وڳي وقت دهشتگردن حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ 6 اهلڪار شهيد ٿي ويا جن ۾ 4 ايف سي ۽ 2 اهلڪار نجي سيڪيورٽي ڪمپني جا آهن ڊي ايس پي عرفان ٻڌايو ته 6 شهيد اهلڪارن 2 ڪلاڪ کان وڌيڪ دهشتگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

2014 ۾ پي ٽي آئي پي ٽي وي تي ۽ 2023 تي ريڊيو پاڪستان پشاور تي حملو ڪيو: خرم دستگير

فوجي هنڌن تي حملن ۽ باهه لڳائڻ جو جواز پيش نٿو ڪري سگهجي ذميوارن جي خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيندي

عوام جي جان ۽ مال ۽ بنيادي حقن جو تحفظ ڪيو ويندو ملڪ ۾ عام چونڊون پنهنجي مقرر وقت تي ٿينديون

بدعنواني جي الزام ۾ عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ ٿيندڙ تشدد جي واقعن جي ٻن هفتن کان پوءِ صورتحال واضح ٿي سامهون آئي آهي

اسلام آباد (م د) وفاقي وزير خرم دستگير خان چيو آهي ته 9 مئي تي عمران خان جي حامين سرڪاري ۽ عسڪري ملڪيتن جي ڀڃ ڊاهه ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

وفاقي وزير خرم دستگير خان

جليل شرقپوري به پي ٽي آءِ کي الوداع چئي ڇڏيو

پي ٽي آءِ جي پاليسين سبب ان جو حصو نٿو رهي سگهان: جليل شرقپوري

پي ٽي آءِ جي پنهنجي نالائقي هئي جو دوستن کي مطمئن نه رکي سگهيا

شيخوپورا (م د) تحريڪ انصاف اڳواڻ جليل شرقپوري به پارٽي کي الوداع چئي ڇڏيو هڪ ويڊيو بيان ۾ جليل شرقپوري چيو ته مان پاڪ فوج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ظل شاهه قتل ڪيس: ياسمين راشد سميت پي ٽي آءِ اڳواڻن جون ضمانتون رد

ايڊيشنل سيشن جج بلال بيگ ظل شاهه قتل ڪيس جو محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

عدالت طرفان ٻڌايل فيصلي موجب ضمانتون عام پيروي جي بنياد تي رد ڪيون ويون

لاهور (م د) ظل شاهه قتل ڪيس ۾ عدالت ڊاڪٽر ياسمين راشد سميت پي ٽي آءِ اڳواڻن جون عبوري ضمانتون رد ڪري ڇڏيون، ايڊيشنل سيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پي ٽي آءِ اڳواڻ ڊاڪٽر ياسمين راشد ۽ ميان محمودالرشيد ۽ فرخ حبيب (فائيل فوٽو)

پابندي مڙهيل اڳواڻ گلزار امام قوم کان معافي گهري ورتي

بلوچستان حڪومت پابندي مڙهيل بي اين اي جي گرفتار اڳواڻ گلزار امام کي ميڊيا آڏو پيش ڪري ڇڏيو

هٿياربند جدوجهد سان بلوچستان جي ترقي رڪجي وئي آهي: گلزار امام

منهنجو تعلق پنجگور جي علائقي پروم سان آهي، مون 15 سال اڳ ڪارروائين جي شروعات ڪئي

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان حڪومت پابندي مڙهيل بي اين اي جي گرفتار اڳواڻ گلزار امام کي ميڊيا آڏو پيش ڪري ڇڏيو بلوچستان جي عوام کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پابندي مڙهيل اڳواڻ گلزار امام قوم کان معافي گهري رهيو آهي

گوادر حق دو تحريڪ جي سربراهه مولانا هدايت الرحمان کي آزاد ڪيو ويو

سپريم ڪورٽ 18 مئي تي مولانا هدايت الرحمان جي ضمانت منظور ڪئي هئي

مولانا هدايت الرحمان گوادر ۾ پوليس اهلڪار جي قتل ڪيس ۾ گرفتار هو

گوادر (م د) گوادر ۾ حق دو تحريڪ جي سربراهه مولانا هدايت الرحمان کي آزاد ڪيو ويو سپريم ڪورٽ 18 مئي تي مولانا هدايت الرحمان جي ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سڄي قوم پنهنجي هٿياربند فوج سان گڏ بيٺي آهي: گورنر سنڌ

9 مئي سانحي جي ذميوارن کي بخش نه ڪيو ويندو، اهو ملڪي سالميت تي حملو هو: ڪامران ٽيسوري

پاڪ فوج لاءِ پوري قوم جو حوصلو فخر جي ڳالهه آهي، پاڪ فوج اسان جو فخر، بابائي قوم اسان جو عظيم اڳواڻ آهي

قومي اتحاد لاءِ عالمن ۽ يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جي راءِ ورتي آهي: يڪجهتي ڊائيلاگ دوران ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي صدارت هيٺ گورنر هائوس ۾ قومي يڪجهتي ڊائيلاگ جو انعقاد ڪيو ويو. ان موقعي تي گورنر هائوس پاڪستاني فوج ۽ بابائ قوم سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ عزم جي اظهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي صدارت هيٺ قومي يڪجهتي ڊائيلاگ دوران اڳواڻ ويٺل آهن

ڪور ڪمانڊر هائوس لاهور مان فوجي يونيفارم کڻي ويندڙ پي ٽي آءِ ڪارڪن ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو

لاهور (م د) 9 مئي جي ڏينهن تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ شرپسندي ۽ پاڪ فوج جي وردي جي بي حرمتي ڪندڙ تحريڪ انصاف جي ڪارڪن جان محمد ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو واقعي کان پوءِ وڊيو ۾ جان محمد چيو هو ته مان ريڊ لائين ڪراس ڪئي آهي ڏسوهي وردي مان ان جي گهر مان کڻي آيو آهيان پر هاڻ ڪور ڪمانڊر جي وردي پائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

عالمي گرمي پد ۾ واڌ جي خطرناڪ اثرن جو انڪشاف

عالمي گرمي پد ۾ صنعتي دور جي پيٽ ۾ 2.7 ڊگري سينٽيگريڊ واڌ ٿيڻ جو امڪان

گهڻن ملڪن ۾ سراسري گرمي پد انساني برداشت کان ٻاهر ٿي ويندو

ڪراچي (م د) عالمي گرمي پد ۾ واڌ ڪروڙين ماڻهن کي لڏ پلاڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي، جو هنن لاءِ اباڻن هنڌن تي رهڻ ڏکيو ٿي ويندو اها ڳالهه هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ماڻهو پاڻ پي ٽي آءِ نه پيا ڇڏين، ڇڏائي پئي وڃي: عمران خان

بندوق جي زور تي اسان جي ماڻهن کان پارٽي جون وفاداريون بدلايون پيون وڃن

ڪارڪن توڙي عورتن سان غير امتيازي سلوڪ ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان دعويٰ ڪئي آهي ته ماڻهو پاڻ پي ٽي آءِ نه پيا ڇڏين، ڇڏائي پئي وڃي اسلام آباد جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيشيءَ جي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي عمران خان چيو ته بندوق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: وفاقي وزير شاهزين بگٽي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس لاڙڪاڻو جي ڪمپيوٽر سائنس جي شاگردن پاران سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر جو مطالعاتي دورو

دانش، ارم، نعيم سميت ٻين شاگردن ۽ شاگردياڻين سرسو سکر هيڊ آفيس جي ايڇ آر ڊپارٽمينٽ جو مطالعاتي دورو ڪيو

مطالعاتي دوري دوران تمام گهڻو مزو آيو، سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس طرفان اهڙا اسٽڊي ٽوئر ڪرائڻ گهرجن: شاگرد

خوشين کي حصيداري ڪرڻ ۽ تجربو ڪرڻ لاءِ ۽ انهن سڀني رنگن توڙي سفر تمام وڏي ڪاميابي طرف اهم قدم هوندا آهن

لاڙڪاڻو (پريس رليز) سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس لاڙڪاڻو جي ڪمپيوٽر سائنس جي بئچ کي 222 سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي هيڊ آفيس سکر جو مطالعاتي دورو ڪيو. ان سلسلي ۾ ايڇ آر او عاطف رفيق سمون جي جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاڙڪاڻو: سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس جي ڪمپيوٽر سائنس جي شاگردن پاران دوري دوران نڪتل گروپ فوٽو

اسسٽنٽ ڪمشنر حاظم پنگوار زخمي نوجوان کي اسپتال پهچائي سندس حياتي بچائي ورتي

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ ناظم آباد جي اسسٽنٽ ڪمشنر حاظم پنگوار حادثي ۾ زخمي ٿيندڙ نوجوان جي حياتي بچائي ورتي، وچ ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر سامهون شاهه جهان ايونيو تي تيز رفتار ڪار نوجوان مٿان چڙهي وئي، اسسٽنٽ ڪمشنر حاظم پنگوار روڊ تي پيل متاثر نوجوان کي پنهنجي گاڏي ۾ ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ۽ سندس حياتي بچائي ورتي. ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اليڪشن ڪميشن عمران خان، فواد چوڌري ۽ اسد عمر کي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

اليڪشن ڪميشن ڪيس جي ٻڌڻي اليڪشن ڪميشن ميمبر نثار دراني جي سربراهي ۾ 3 رڪني ڪميشن ڪئي

عمران خان ۽ فواد چوڌري طرفان وڪيل فيصل چوڌري ۽ اسد عمر طرفان معاون وڪيل اليڪشن ڪميشن ۾ پيش ٿيا

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ عمران خان، اسد عمر ۽ فواد چوڌري کي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان، اسد عمر ۽ فواد چوڌري خلاف توهين اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عمران خان برطانيا کان 190 ملين پائونڊ جي منتقلي ڪيس ۾ نيب آڏو پيش

عمران خان جي گهرواري نيب راولپنڊي آفيس ٻاهران ڪار ۾ موجود هئي

عمران خان کان ڪيس بابت 20 سوالن جا جواب طلب ڪيا ويا: ذريعا

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻو وزيراعظم عمران خان برطانيا کان 190 ملين پائونڊ جي منتقلي ڪيس ۾ نيب آڏو پيش ٿيو نيب راولپنڊي عمران خان کان القادر يونيورسٽي کي مليل امداد جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو اسلام آباد جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

جام ڪمال جي پ پ ۾ شموليت جو امڪان

آصف علي زرداري ۽ جام ڪمال وچ ۾ ملاقات بلاول هائوس ڪراچي ۾ ٿي

ملاقات ۾ پ پ بلوچستان جو صدر چنگيز جمالي ۽ مير علي حسن زهري به موجود هو

ڪراچي (رپورٽر) بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير جام ڪمال پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري سان ملاقات ڪئي آهي، آصف علي زرداري ۽ جام ڪمال وچ ۾ ملاقات بلاول هائوس ڪراچي ۾ ٿي، جنهن ۾ موجوده ملڪي صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

بلوچستان جو اڳوڻو وڏو وزير جام ڪمال پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري سان ملاقات ڪندي

ڪوڙي آدم شماري بنياد تي وسيلن ۽ سياسي نمائندگي تي ڌاڙي جو منصوبو ٺاهيو ويو آهي: اياز لطيف

22 مئي تي ڪراچي ۾ دهشتگردن وحشياڻو حملو ڪري بيگناهه ماڻهن کي شهيد ڪيو

پاڪستان تڏهن ئي ترقي ڪندو جڏهن دهشتگردي، ڪرپشن ۽ لاقانونيت جو خاتمو ٿيندو

پنجاب ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ان ملڪي معيشت کي سخت نقصان پهچايو آهي

بدين (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو بدين ۾ جلسي عام کي خطاب ڪندي چيو آهي ته 22 مئي تي ڪراچي ۾ دهشتگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

شيرين مزاري گرفتاري: عدالت آءِ جي اسلام آباد کي توهين عدالت جو نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شيرين مزاري جي گرفتاري واري معاملي تي آءِ جي اسلام آباد کي توهين عدالت ڪيس ۾ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو پاڪستان تحريڪ انصاف اڳواڻ شيرين مزاري جي آزادي کان پوءِ ٻيهر گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: ڦورن جي شو روم ٻاهران ويٺل 3 ڄڻن کان ڦُر

2 جوابدار ٻن موٽرسائيڪلن تي اچي رهيا آهن: سي سي ٽي وي وڊيو پڌري

جوابدارن شو روم ٻاهران ويٺل ٽن ڄڻن کي بندوق جي زور تي ڦُر ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي نيو ڪراچي بلال ڪالوني ۾ 2 جوابدار شو روم ٻاهران ويٺل 3 ماڻهن کان 1 لک 50 هزار نقدي ۽ 3 موبائيل فون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي عوام کي ڏينهن جو تارا ڏيکاري ڇڏيا: محمد حسين محنتي

پ پ ڏير وارا حيلا هلائڻ بدران ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جي مينڊيٽ کي تسليم ڪري

جيسيتائين سراج الحق مٿان حملي جو ماسٽر مائينڊ نٿو بي نقاب ٿئي تيستائين حڪومت خود ڏوهاري آهي

جماعت اسلامي ظالم سردارن وڏيرن جي ظلم جو شڪار عوام جي اميدن جو مرڪز آهي

ڪراچي / سکر (نمائندن وٽان) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته حڪومتي بي حسي ۽ ادارن جي ناڪامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پاڪستاني رپيو خطي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪمزور ٿي ويو

ڪراچي (م د) ڏکڻ ايشيا ۾ 90 جي ڏهاڪي جي سڀ کان مضبوط ڪرنسي پاڪستاني رپيو خطي جي سڀ کان ڪمزور ڪرنسي بڻجي ويو ڏکڻ ايشيا ۾ سڀ کان سستي سريلنڪن رپئي پاڪستاني رپئي کي مات ڏئي ڇڏي، حڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ٺٽي جي سامونڊي پٽي ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ، زرعي معيشت تباهه، آڳهات جو لاڙو

پاڻي جي ڪوٽ ساحلي پٽي جي سوين ڳوٺن کي ويران ڪري ڇڏيو

هزارين ماڻهو پنهنجا گهر، روزگار ۽ زمينون ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا

پنيور (رپورٽر) ٺٽي ضلعي جي ساحلي پٽي ۾ آبادي لاءِ پاڻي پهچائيندڙ ڏيا شاخ، جام واهه ۽ جام برانچ ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ سبب لکين ايڪڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نوشهرو فيروز ۾ واپڊا جي امڪاني نجڪاري ۽ مزدورن جي تحفظ جو ڏينهن ملهايو ويو

اسڪارپ ڪالوني ڪان ڊويزنل چيئرمين شاهد حسين سمون چيف آرگنائيزر علي نواز ملڪ ريلي ڪڍي

نجڪري جي تلوار اسان جي مٿان 15 سالن ڪان لٽڪيل آهي اسان ٻہ احتجاج ڪندا پيا اچو: شاهد حسين سمون

تحفظ نہ مليو سخت ڪان سخت احتجاج ڪنداسين ڪجهہ ٿيو تہ ان جي ذميوار حڪومت ۽ آفيسر هوندا: ڳالهيون

نوشهروفيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) واپڊا جي امڪاني نجڪاري ۽ مزدورن جي تحفظ جو ڏينهن ملهائيو ويو واپڊا آفيس اسڪارپ ڪالوني ڪان ڊويزنل چيئرمين شاهد حسين سمون چيف آرگنائيزر علي نواز ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: واپڊا جي امڪاني نجڪاري خلاف نڪتل ريلي جو ڏيک

وارهہ يوسي ڪندو ڳوٺ شفيع محمد چانڊيو جي رهواسي پ پ اڳواڻ پاران احتجاج

وارهہ (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهہ يوسي ڪندو ڳوٺ شفيع محمد چانڊيو جي رهواسي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ وڏيري گلزار احمد چانڊيو طرفان پنهنجي پارٽي جي حڪومت خلاف احتجاج اسان کي هميشہ نظر انداز ڪيو ويو ڪڏهن ٻوڏ ڪڏهن سوڪ ڪري اسان فاڪ ڪشي ڪائڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

آل سنڌ روينيو ايمپلائيز ايسوسيئشن پاران علمدار حسين شاهہ جي قتل خلاف احتجاج

روينيو ڪاتي ٺٽي جي ملازمن آفيسن جي تالا بندي ڪري هڪ احتجاجي مظاهرو ڪيو

هٿيار بندن تپيدار سيد علمدار شاهہ کي بيگناهہ شهيد ڪري سندس گهر اجاڙي ڇڏيو: مظاهرين

ٺٽو(د ر) آل سنڌ روينيو ايمپلائيز ايسوسيئشن پاران شهيد تپيدار علمدار حسين شاهہ جي قتل خلاف روينيو ڪاتي ٺٽي جي ملازمن پاران آفيسن جي تالا بندي ڪري هڪ احتجاجي مظاهرو آل سنڌ روينيو ايمپلائيز ايسوسيئشن جي مرڪزي صدر سيد سردار شاهہ ۽ فهد ڀير جي اڳواڻي ۾ مڪلي تي ڪري مڪلي/ڪراچي قومي شاهراهہ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري سخت نعريبازي ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ضلعي اڪائونٽس آفيس نوشهروفيروز پاران اڪائونٽ نہ کولڻ خلاف استادن جو احتجاج

اڪائونٽ نہ کولڻ خلاف پي ٽ الف پاران ٽريزري آفيس جي گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ضلع نوشهرو فيروز جي خزاني واري آفيس رشوت جو ڳڙهہ بڻجي چڪي آهي: مظاهرين جون ڳالهيون

بازار گرم ڪري ڇڏي آهي، جيڪو بہ ملازم خزاني ۾ اچي ٿو اهي آفيسر رشوت کانسواءِ ڪم نٿا ڪن

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ضلعي اڪائونٽس آفيس نوشهروفيروز پاران ڏيڍ سال اڳ ڀرتي ڪيل استادن جا اڪائونٽ نہ کولڻ خلاف استادن جي تنظيم پي ٽي الف پاران ٽريزري آفيس جي گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي اڳواڻن سيد نذير شاهہ، آفتاب احمد مورو عبدالستار پٺاڻ، معشوق وگڻ ۽ ٻين چيو تہ ضلع نوشهروفيروز جي خزاني واري آفيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: پ ٽ الف اڳواڻ ٽريزري آفيس اڳيان احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪاتي جي ڪامورن جي ملي ڀڳت سان جعلي ڀرتي ٿيل ليڊي هيلٿ ورڪر کي پروموشن ملي ويو

خيرپور (رپورٽر) صحت ڪاتي جي ڪرپٽ ڪامورن جي ملي ڀڳت سان جعلي ڀرتي ٿيل ليڊي هيلٿ ورڪر ريحانہ ڪرل چور دروازي کان 17 گريڊ ۾ پروموٽ، نوٽيفڪيشن جاري،سجاڻ ڌرين ۾ حيرت جي لهر، جوڊيشنل جاچ ڪاميٽي قائم ڪرڻ جو مطالبو، خبر موجب ڊسٽرڪٽ هيلٿ ڪاتي خيرپور ۾ جعلي ڀرتي ٿيل ليڊي هيلٿ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

وارهہ لڳ حمل ڍنڍ بچاءِ بند کي لڳل ڪٽ ۾ ٻڏي فوت ٿيل نينگر جو لاش هٿ نہ آيو

معصوم نينگر يحيٰ ولد مشتاق احمد رند جو لاش چار ڏينهن گذرڻ بعد بہ هٿ نہ اچي سگهيو

افسوس جو انتظاميہ طرفان وارثن سان ڪنهن بہ قسم جو تعاون ناهي ڪيو ويو: شهر جا ساڃاهہ وند

ڪارروائي ڪري معصوم نينگر جي ديٺ بادي جي ڳولها ڪرائي وارثن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

وارهہ (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهہ لڳ حمل ڍنڍ بچاءُ بند کي چڊڻ کان لڳل ڪٽ ۾ ڳڙيل جمعي جي ڏينهن ٻڏي فوت ٿي ويل اٺ سالا معصوم نينگر يحيٰ ولد مشتاق احمد رند جو لاش چار ڏينهن گذرڻ بعد بہ هٿ نہ اچي سگهيو وارثن طرفان پنهنجي مدد پاڻ معصوم نينگر جي لاش جي ڳولها جاري، ٻئي طرف انتظاميہ طرفان لاش ڳولهڻ جا ڪنهن بہ قسم اپاءَ نہ ورتا ويا نہ وري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

عملدار ڪڻڪ جو خريداري ٽارگيٽ هر صورت مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪن: ڊي سي دادو

ضرورت پوڻ تي ذخيرو ڪيل ڪڻڪ ضبط ڪري گودامن ۾ منتقل ڪرڻ جي هدايت جاري ڪئي آهي

سرڪار پاران مقرر ٽارگيٽ هر قيمت تي حاصل ڪرڻ ۾ پيش ايندڙ ڪا بہ رڪاوٽ برداشت نہ ڪئي ويندي

عملدارن سان ڀرپور سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪئي تہ جيئن مقرر ڪيل ٽارگيٽ حاصل ڪري سگهجي: ڳالهيون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهہ چيو آهي تہ خوراڪ کاتي ۽ روينيو جي آفيسرن کي ڪڻڪ جو خريداري ٽارگيٽ هر صورت مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻ، رضاڪارانہ طور تي ڪڻڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

انهٽ موري پرسان ڳوٺ ميوو خان خاصخيلي جي ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو

نواب شاهہ (رپورٽر) انهٽ موري پرسان ڳوٺ ميوو خان خاصخيلي جي ڳوٺاڻن مير محمد خاصخيلي سينگار زنگيجو بلاول خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ وڌيڪ ڪرايو وٺندڙ ٽرانسپورٽ جي مالڪن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن چيو ت اسان جي ڳوٺ پرسان ڪچوڪو اسٽاپ ڪان نواب شاهہ جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو: ڊي سي سيد مرتضيٰ شاهہ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ ٻوڏ متاثر خاندانن لاءِ سرسو پاران هنگامي بنيادن تي صحت جي سنڀال بابت منصوبو شروع

صاف پاڻيءَ جي فراهمي ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال خاطر منظم ۽ جامع منصوبو شروع ڪيو پيو وڃي

پنج يونين ڪائونسلن (يوسيز) ۾ ڊسمبر 2023 تائين عمل هيٺ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: عملدار

آبادي جي مخصوص ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ صنف جي لحاظ کان مناسب ليٽرينون تعمير ڪيون وينديون

سکر(امداد علي گل ڪلوڙ)سنڌ ۾ ٻوڏ متاثر خاندانن لاءِ سرسو پاران هنگامي بنيادن تي صحت جي سنڀال، پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهمي ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال بابت جامع منصوبو شروع ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ترجمان جسل سومرو پاران جاري ڪيل تفصيلن مطابق سنڌ ۾ ٻوڏ کان متاثر ٿيل خاندانن جي مدد ڪرڻ خاطر سرسو/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ۽ ايس ايس پي پاران شهيد بينظير آباد يونيورسٽي جو دورو

محمد عباس بلوچ ۽ ايس ايس پي مهزور علي، شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي جو دورو ڪيو

امتحانن جو جائزو پڻ ورتو ۽ سيڪيورٽي لاءِ مقرر ڪيل انتظامي عملي کان بريفنگ پڻ ورتي

امانت علي جي قيادت ۾ نوجوانن کي معياري تعليم ۽ تربيت فراهم ڪري رهي آهي: ڪمشنر

نواب شاهہ (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن محمد عباس بلوچ ۽ ايس ايس پي مهزور علي، شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي شهيد بينظير آباد جو دورو ڪيو ۽ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي هنن يونيورسٽي ۾ هلندڙ پر امن سيمسٽر امتحانن جو جائزو پڻ ورتو ۽ سيڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

رتوديرو ۾ يارهين ۽ ٻارهين جماعت جا ساليانا امتحان جاري،انتظام سخت

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو ۾ يارهين ۽ ٻارهين جماعت جا ساليانا امتحان جاري آهن. ڊگري ڪاليج رتوديرو انتظاميہ ڪاپي ڪلچر جي روڪٿام لاءِ بهترين قدم کنيا آهن انهي سان گڏ شاگردن کي امتحاني سينٽر ۾ پيئڻ جي پاڻي سميت ٻيون سهولتون بہ فراهم ڪيون ويون آهن. ان حوالي سان ڊگري ڪاليج جي پرنسپال/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوابشاهہ: ڊويزنل ڪمشنر محمد عباس بلوچ يونيورسٽي جو دورو ڪري رهيو آهي

آبپاشي انجنيئر ويچارو بيوس آهي ، پاڻي جي وارا بندي تحت هلي پيو: غلام اصغر وساڻ

فصل نہ ٿيندا تہ ڏوهن قتل گري ، چورين ڦرن ۾ پڻ اضافو ٿي سگهي ٿو، نوٽيس ورتو وڃي

ابل واهہ ، درازہ مائينرز ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاجي ڪيمپ جاري رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

بهتر ٿيندو تہ مسئلي تي ايم اين اي پير سيد فضل علي شاهہ جيلاني سان ملاقات ڪجي: آبادگار

رانيپور (رپورٽر) درازا مائينر ۽ غلام علي شاخ ۾ پاڻي جي هئڙادو کوٽ ڏيکارڻ هارين جا فصل سڪائڻ خلاف رانيپور ۾ آبادگارن جو ٻئي ڏينهن بہ قومي شاهره تي ڪيمپ قائم ڪري احتجاج جو سلسلو جاري اريگيشن جا آفيسر چيف انجنيئر ۽ دراڳو آباد گارن وٽ پهتا پر مطالبا نہ مڃڻ ڪري آبادگارن ۽ ايريگيشن عملي ۾ ڳالهيون ڪامياب نہ ٿي سگهيون آبادگارن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ناليواري ڪالم نگار، شاعر ۽ اديب نسيم شاهہ بخاري جو والد وفات ڪري ويو

پيپلز پارٽي جو جهونو اڳواڻ سيد گلاب شاهہ 76 سال ڄمار ۾ وفات ڪري ويو

نماز جنازه ادا ڪرڻ بعد مختيارڪاري واري قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) سنڌ جي ناليواري ڪالم نگار، شاعر ۽ اديب نسيم شاهہ بخاري جو والد وفات ڪري ويو. پاڪستان پيپلز پارٽي جو جهونو اڳواڻ سيد گلاب شاهہ 76 سال ڄمار ۾ ڪال وفات ڪري ويو، مرحوم جي نماز جنازه شڪارپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

پريارو جي فتح پور پاڙي ۾ 14 سالن جي نينگر نينگر ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي

پورهيت امام بخش بروهي جو 14 سالن جي نينگر ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت ٿي پيو

اسان جي گهرن مٿان 11 هزار وولٽيج جون تارون گذرن ٿيون جيڪي هيٺ آهن: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پريارو جي فتح پور پاڙي ۾ امام بخش بروهي جو 14 سالن جي نينگر ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت ٿي ويو نوجوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز : بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي ٿيل نينگر مٽي ۾ پوريل آهي

سکر ۾ سماجي اڳواڻ شائستا ڪوسو جي ڀڻ ڀائرن تي جهيڙي جو ڪيس داخل

بشير آباد جي رهواسي ذوالفقار علي پٽ درمحمد ڪوسو ٿاڻي تي ڀهچي ڪيس داخل ڪرايو

پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر جوابدار هٿ اچي نہ سگهيا آهن: ذريعا

سکر(رپورٽر) سائيٽ ايريا ٿاڻي تي سماجي اڳواڻ شائستا ڪوسو جي ڀڻ ڀائرن تي زمين جي ماپ جي تڪرار سبب جهيڙي جو ڪيس داخل ملتري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نورين فاطمہ ڪيس ۾ تشدد جو شڪار ٿيل محسن مهر مٿان تشدد خلاف سرحد ۾ احتجاج

مُحسن مهر مٿان تشدد ۽ زوري بيان ڏيارڻ واري عمل خلاف سرحد ۾ مهر قومي اتحاد پاران مظاهرو

پوليس محسن مهر کي گرفتار ڪري انسانيت سوز تشدد ڪري انسانيت جا ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن

سرحد(رپورٽر غلام عباس مهر) نورين فاطمہ ڪيس ۾ تشدد جو شڪار ٿيل محسن مهر مٿان ۽ سندس خاندان سان زيادتين خلاف سرحد ۾ مهر قومي اتحاد جو احتجاج، انصاف جون اپيلون، خبر موجب ڪجھ ڏينهن اڳ ڀان سعيد آباد ۾ پراسرار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ سنڌي شعبي ڪراچي يونيورسٽي پاران قومي ڪانفرنس

شيخ اياز جي سئو ساله جنم ڏينهن جي حوالي سان قومي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي آهي

ڪراچي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر خالد محمود عراقي ويهڪ جي صدارت ڪئي

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ سنڌي شعبي ڪراچي يونيورسٽي پاران سنڌ جي ثقافت کاتي جي سهڪار سان شيخ اياز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي: ڪراچي يونيورسٽي ۾ ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

نوشهرو فيروز جي سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس سيد الهندو شاهہ مان موٽر سائيڪل چوري

انتظاميا پاران پڙهن لاءِ ايندڙ شاگردن جي بيٺل موٽر سائيڪلن جي سنڀال ڪئي ٿي وڃي

موٽر سائيڪل چوري ٿي آهي پر تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي ڪا بہ هتي حفاظت ناهي

نوشهرو فيروز(د ر) نوشهرو فيروز جي سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس سيد الهندو شاهہ مان چور شاگرد شهباز مغل جي ٽئين سي ڊي 70 موٽر سائيڪل چورائي فرار ٿي ويا اهو واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن شاگرد ڪلاسن ۾ هئا ۽ اسڪالرشپ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

مزاحمتي شاعر حبيب الله سانگي سجاولي جي 16 هين ورسي ملهائي وئي

شاعر اياز امرشيخ، رمضان ميمڻ، ڊاڪٽر عثمان سرويچ، اسماعيل سرويچ پاران ڀيٽا

گذر سفر ،جيلن وسيلن تي لڳندڙ ڏاڍن ٿل ڪئنال ،ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد ڪئي

سجاول (د ر)سجاول ۾ عشق، انقلاب ۽ مزاحمتي شاعر حبيب الله سانگي سجاولي جي 16 هين ورسي ملهائي وئي، تفصيل موجب سنڌ ادبي سنگت شاخ سجاول ۽ سورج سجاولي اڪيڊمي پاران عشق، انقلاب ۽ مزاحمتي شاعر حبيب الله سانگي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سجاول: شاعر حبيب الله سانگي سجاولي جي 16هين ورسي ملهائي پئي وڃي

گلاب لغاري پرسان سنڌ جي تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ ۾ سالانا مجلس عزا منعقد

بي بي ماهر عليہ وسلم جن جي مزار آڏو اهل تشيع جماعت طرفان مجلس اعزا منعقد ٿي

الله پاڪ جي خوشنودي لاءِ معصومين سميت ڏنل لازوال قرباني تي ڀيٽا پيش ڪئي

گلاب لغاري (رپورٽ:گلزار لغاري) گلاب لغاري پرسان سنڌ جي تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ ۾ مدفون بي بي ماهر عليہ وسلم جن جي مزار آڏو اهل تشيع جماعت طرفان سالانا مجلس اعزا منعقد ڪئي وئي جنهن کي نالي واري مقررين علاما/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

وڌندڙ مهانگائي سبب عام ماڻهوءَ سان گڏ واپاري طبقو بہ پريشان آهي: شبير ميمڻ

سنڌ ۾ واپاري طبقو بہ پريشان آهي. روزمره جو خرچ پورو ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي

حڪومتي ناقص معاشي پاليسين سبب ملڪ ۾ واپار ۽ صنعت کي سخت ڌڪ رسيو آهي

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) گرين مرچنٽ ايسوسي ايشن جي جنرل سيڪريٽري شبير ميمڻ پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ ملڪ جي موجوده معاشي حالتن ۾ وڌندڙ مهانگائي سبب عام ماڻهوءَ سان گڏ واپاري طبقو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دريا خان مري جي وارڊ نمبر 3 جي رهواسي عطاء الله لاشاري پاران احتجاجي مظاهرو

والد جي حصي جي زمين چاچو جڙيل لاشاري ۽ رضا مولهڻ وڪرو ڪرڻ چاهين ٿا: نوجوان

اسان جي زمين جي فردي نہ ڪڍي وڃي ۽ مون کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) دريا خان مري جي وارڊ نمبر 3 جي رهواسي عطاء الله لاشاري پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي تہ منهنجي والد جي حصي جي زمين منهنجو چاچو جڙيل لاشاري ۽ رضا مولهڻ وڪرو ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز: دريا خان مري واسي نوجوان چاچن خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

اوباوڙو دلوارو مائينر جي آبادگارن سان آبپاشي عملي پاران ماٺيلي ماءُ وارو سلوڪ جاري

ميرخان زاڪر سولنگي عبدالحفيظ حسين سولنگي اسلم گرگيج جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

آبپاشي عملي پاران دلوارو مائينر جي آبادگارن سان ماٺيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

ميرڪوش ريگيوليٽر مان نڪرندڙ هر نهر ۾ پاڻي آهي ۽ صرف دلوارو نهر سان نارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي

اوباوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوباوڙو دلوارو مائينر جي آبادگارن سان آبپاشي عملي پاران ماٺيلي ماءُ وارو سلوڪ گهوٽڪي فيڊر ۾ پاڻي اچڻ باوجود دلوارو مائينر جا آبادگار پاڻي ڦڙي لاءِ پريشان آبادگارن جو احتجاج اعلي عملدارن ڪان نوٽس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

اوباوڙو: دلواري مائينر جا آبادگار پاڻي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪندرا واسي پورهيت جيري جي بيماري ۾ مبتلا هجڻ جو اويس قادر شاهہ نوٽيس ورتو

ڪندرا (رپورٽر) ڪندرا واسي پورهيت سليم ميمڻ جيري جي بيماري ۾ مبتلا هجڻ جون خبرون اليڪٽرانڪ ميڊيا پرنٽ ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي هلڻ ڪان پوءِ اڳوڻي صوبائي وزير سيد اويس قادر شاهہ پاران نوٽيس وٺي پنهنجي ٽيم موڪلي ڇڏي جنهن جي اڳواڻي ٽائون ڪميٽي ڪندرا جو ايڊمنسٽريٽر شرف شاهہ اڳوڻو وائيس چيئرمين/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

هاءِ ڪورٽ ۾ گهوٽڪي واسي پاران پرائمري اسڪولن جي حالت خراب هجڻ خلاف درخواست

عدالت سيڪريٽري تعليم، سيڪريٽري صحت، ڊپٽي ڪمشنر، شوگر ملز انتظاميہ کي نوٽيس جاري ڪيو

2 هاءِ اسڪول آهن ۽ ڳوٺ ڪريم ڏنو گهوٽو پرائمري اسڪول جي حالت انتهائي خراب آهي: اسد الله گهوٽو

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ ۾ گهوٽڪي واسي پاران پرائمري اسڪول، روڊ رستن ۽ ڊسپينسري جي خراب صورتحال بابت درخواست داخل ڪرائي ڇڏي، عدالت سيڪريٽري تعليم، سيڪريٽري صحت، ڊپٽي ڪمشنر، شوگر ملز انتظاميہ کي 8 جون تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. گهوٽڪي جي ڳوٺ ڪريم ڏنو گهوٽو واسي اسد الله گهوٽو پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوان جتوئي پرسان ڳوٺ منگهو خان ڍر نوان جتوئي ۾ قتل ٿيل نوجوان جا جوابدار گرفتار نہ ٿيا

ملوث جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف سندس ڀائرن جاويد علي ڍر الہ رکيو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

اسان جي ڀاءُ مظهر علي ڍر جي شادي نياز علي رياض علي ڍر وارن ڪان ٿيل هئي: علي ڍر الهہ رکيو ڍر

پوليس گرفتار نہ ڪري سگهي آهي ۽ جڏهن تہ جوابدار پاران اسان کي پڻ موت مار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوان جتوئي پرسان ڳوٺ منگهو خان ڍر نوان جتوئي ٿاڻي جي حد ۾ هڪ هفتو اڳ قتل ٿيل نوجوان مظهر علي ڍر جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف سندس ڀائرن جاويد علي ڍر الہ رکيو ڍر ظفر ڍر افضل ڍر پنهنجي عورتن ۽ سندس امڙ احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ت اسان جي ڀاءُ مظهر علي ڍر جي شادي نياز علي رياض علي ڍر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: ڳوٺ منگهو خان ڍر واسي پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دوڙ جي ڳوٺ الله ڏتو زرداري جي رهواسي پيرسن علي مردان زرداري پاران احتجاجي مظاهرو

نوابشاهہ (رپورٽر) تعلقي دوڙ جي ڳوٺ الله ڏتو زرداري جي رهواسي پيرسن علي مردان زرداري پنهنجي برادري جي مردن بخش زرداري، اصغر زرداري، امان الله زرداري، شوڪت زرداري، ارشاد زرداري ۽ ٻين سان گڏ ٻئين ڏينهن بہ نوابشاهہ پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏاهيون آهي تہ ٻہ ڏينهن اڳ منهنجي گهر واري مسمات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

صحافي اجي لالواڻي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ۾ جوابدارن جا وڪيل پيش 8 جون تائين ڪيس ملتوي

دهشتگردي جي انت واري خاص عدالت ۾ صدارتي ايوارڊ يافتہ صحافي جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري

ڪيس جي ٻڌڻي دوران اجي لالواڻي جو والد دليپ ڪمار، ڀاءُ روهيت ڪمار، اڪانت لالواڻي ۽ ٻيا پيش ٿيا

هاڻي اسان کي بہ مختلف ڏوهارين جي مدد سان ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن: وارث

سکر (بيورو رپورٽ) صحافي اجي لالواڻي قتل ڪيس جي ٻڌڻي 8 جون تائين ملتوي، تفصيل موجب دهشتگردي جي انت واري خاص عدالت ۾ صدارتي ايوارڊ يافتہ صحافي اجي لالواڻي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ جوابدارن رضا شاهہ، عاشق ميراڻي ۽ ٻيا پيش ٿيا. عدالت ۾ جميل شاهہ، غلام مصطفيٰ ميراڻي ۽ اڪبر منگريو بہ عدالت ۾ پيش ٿيا، جڏهن تہ شهيد اجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

مورو پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڌرتي تنگ، سوپاريون وڪرو ڪندڙ گرفتار

پوليس ٿاڻي جي ايس ايچ او مجيب الرحمان ناريجو ايس ايس پي جي حڪم تي ڪارروايون ڪيون

غلام شبير سيال کي 290 Z21سؤ سوپارين جي پڙين سميت گرفتاري ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

سماجي برايون جنم وٺن ٿيون ،شراب چرس ڀنگ وڪرو ڪندڙن خلاف بہ سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مورو پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڌرتي تنگ ڪيٽرائي نشي آوور سوپاريون وڪرو ڪندڙ گرفتار ڪيس داخل خلق خدا ۾ خوشي جي لهر پيرائتي خبر موجب مورو پوليس ٿاڻي جي SHO/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز : پوليس پاران گرفتار ڪيل منشيات فروشن ۽ هٿ ڪيل منشيات

غلام الله شهر ۾ پوليس هٿان منشيات جي الزام هيٺ گرفتار ٿيل جوابدار جي وارثن جو احتجاج

غلام الله (رپورٽر) غلام الله شهر ۾ پوليس هٿان منشيات جي الزام هيٺ گرفتار ٿيل فريال ميمڻ ۽ الطاف عرف گيدن درس جي وارثن الهڏنو ميمڻ مقبول ميمڻ اقبال ميمڻ وقار ميمڻ قادربخش ميمڻ محمد درس جي اڳواڻي ۾ غلام الله ٺٽو روڊ بلاڪ ڪيو ويو آهي روڊن تي ٽائرن کي باهيون ڏئي رڪاوٽون وڌيون ويون آهن ۽ پوليس/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز عبدالحق پرٽ جي ياد ۾ اباڻي ڳوٺ پورٽي ۾ رت جي عطيي جي ڪئمپ

ڳوٺ پورٽي ۾ هاسپيٽل بيسڊ فاطميہ فائونڊيشن پاران رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي وئي

سماجي اڳواڻ سيد امتياز بخاري، اعجاز ممنائي، ڪئمپ انچارج غلام اڪبر ناريجو ۽ ٻين جي شرڪت

ضلعي جي مختلف علائقن ۾ مفت رت جو عطيو وٺي غريب مستحق ماڻهن جي مدد ڪرڻ آهي: سماجي اڳواڻ

نوشهروفيروز (د ر) سماج سڌارڪ، باباءِ ورڪر، مخلص سياسي اڳواڻ، السنڌ غريب نواز ويلفيئر ايسوسيئشن جي باني، سابقہ اير پي اي مرحوم عبدالحق پرٽ جي ياد ۾ سندس اباڻي ڳوٺ پورٽيءَ ۾ هاسپيٽل بيسڊ فاطميہ فائونڊيشن پاران رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ خصوصي تعاون سندس فرزند جماعت جي چيئرمين رئيس احمد نواز پرٽ ڪيو ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خيرپورناٿن شاهہ جي ڳوٺ پور حسين چانڊيو جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

منٺار چانڊيو، معشوق چانڊيو، ارباب چانڊيو، مسمات قائم خاتون ۽ ٻين پاران مظاهرو ڪيو ويو

ڳوٺ پور حسين چانڊيو ۾ هڪ هفتو اڳ 16 مئي تي مخالفن گهرن کي باهيون ڏنيون: مظاهرين

اعجاز چانڊيو کي گوليو هڻي بيدردي سان قتل ڪيو ۽ سندس چاچي معشوق چانڊيو کي زخمي ڪري ويا

دادو(ن سنڌيار) خيرپورناٿن شاهہ جي ڳوٺ پور حسين چانڊيو جي رهواسين منٺار چانڊيو معشوق چانڊيو، ارباب چانڊيو،مسمات قائم خاتون،مسمات امام زادي ۽ ٻين دادو پريس ڪلب آڏو نتهڻ اس سخت گرمي ۾ ڊي ايس پي ڪي اين شاهہ گوزو پوليس، بااثر قاتلن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي،جنهن بعد دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو: ڳوٺ پور حسين چانڊيو واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

گهوٽڪي ويجهو حسين ٻيلي مان 2 ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل 2 ڀائر بازياب نہ ٿيا

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي ويجهو حسين ٻيلي مان ٻہ ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل پ سڳا ڀائر آفتاب گهوٽو ۽ اشفاق گهوٽو جي بازيابي لاءِ گهوٽا برادري پاران احتجاجي مظاهرو شٽر بند هڙتال گهوٽڪي ،شهر جي مختلف علائقن شاهي بازار ،ليڊيز بازار، سميت شهر جا ڪاروباري علائقا بند ڪيا ويا گهوٽڪي مغوين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي گلشن اقبال جي صحافي سعيد پتو جي ڀاءَ جا قاتل گرفتار نہ ٿيا، احتجاج

شيراز پتو جي قتل ڪيس جا جوابدار مهينو گذرڻ باوجود پوليس گرفتار نہ ڪري سگهي

ايس ايس پي قمبر انسپيڪٽر منور بروهي کي جوابدار گرفتار نہ ڪرڻ تي معطل ڪري ڇڏيو

ڪيس ۾ گهربل جوابدارن مان هڪ بہ جوابدار کي هن وقت تائين گرفتار نہ ڪري سگهي آهي

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهوار) ڪراچي گلشن اقبال جي صحافي سعيد پتو جي ڀاءَ سجاول جوڻيجو ٿاڻي جي حد عرضي پتو ۾ قتل ٿيل شيراز پتو جي قتل ڪيس جا جوابدار هڪ مهينو گذرڻ باوجود پوليس گرفتار نہ ڪري سگهي ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ ڪيس جي جاچ آفيسر انسپيڪٽر منور بروهي کي جوابدار گرفتار نہ ڪرڻ تي معطل ڪري ڇڏيو وارثن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

❁❁❁ روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي❁❁❁

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 24 مئي 2023ع

جڏهن ملڪ جي ساک جي ڪاک ڍهندي رهي ..

خبرون آهن ته 9 مئي وارن وڳوڙن کان پوءِ پوليس سميت قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، فوٽيجز جي مدد سان سڃاڻپ ڪري وڳوڙن ۾ ملوث قرار ڏنل ماڻهن جون گرفتاريون ڪرڻ لاءِ وڏي پئماني تي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن. انهن جوابدارن جي گهرن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن. جنهن سبب وڏو ٻڙڌڪ مچل آهي. وڏي تعداد ۾ ماڻهو پنهنجا گهر خالي ڪري ٻين پاسن منتقل ٿي ويا آهن. عام شڪايتون اهي رپورٽ ٿي رهيون آهن ته پوليس "فائول پلي" جو مظاهرو ڪندي قانون کي گهربل ماڻهن جي هٿ نه اچڻ تي انهن جي گهر وارن، وارثن، سندن پاڙيسرين ۽ دوستن کي ڏيجاري ۽ هيسائي رهي آهي. اهي پڻ خبرون آهن ته 9 مئي جي وڳوڙن جي رپورٽنگ ڪندڙ ڪجهه صحافين/رپورٽرن کي پڻ فوٽيجز ۾ نظر اچڻ جي بنياد تي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. وڳوڙين کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ تي ڪنهن کي به اعتراض ڪونهي، انهن کي ضرور سزا ملڻ گهرجي، جن وڳوڙن ۾ حصو ورتو، ڀڃ ڊاهه جي رٿابندي ڪئي، ملڪ کي بدنام ڪيو، پر "سُڪن سان گڏ ساوا سڙي وڃڻ" واري چوڻيءَ کي جواز طور پيش ڪرڻ ۽ قانون کي گهربل ماڻهن بدران انهن جي گهر ڀاتين کي گرفتار ڪرڻ، هراسان ڪرڻ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي، جنهن جي ڪنهن به تشريح ۽ تاويل سان اجازت نه هجڻ گهرجي.

9 مئي تي وڳوڙين ڀڃ ڊاهه ۽ باهيون ڏيئي نه صرف انفراسٽرڪچر، پر ملڪ جي وقار کي به تمام وڏو نقصان پهچايو ۽ سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي بدنامي ٿي آهي. جهڙي نموني بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي وڳوڙ ڪيا ويا، دنيا اهو تماشو انتهائي حيرت سان ڏسندي رهي. دنيا قانون لاڳو ڪندڙن جي "عفوءِ درگذر" واري جذبي جي به معترف رهي، جيڪي ملڪ جي ساک جي ڪاک ڍهندي ڏسي به خاموش رهيا. ڪارڪنن کي استعمال ڪرڻ کان پوءِ پي ٽي آءِ جي قيادت ته ڄڻ انهن کان لاتعلق ٿي ويئي آهي. ليڊر پنهنجون ضمانتن مٿان ضمانتون پيا ڪرائين. پر ٽشو پيپر وانگر استعمال ٿيل ڪارڪن قانون کان لڪندا وتن. نه صرف ڪارڪن، پر انهن جا گهر ڀاتي به آزار ۾ آهن. پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان کي ته هيستائين گرفتار ناهي ڪيو ويو، پر تنظيم جي باقي ليڊرشپ يا ته گرفتار آهي، يا وري روپوش، يا پارٽي ڇڏي توبهه تائب ٿي رهي آهي. سمجهڻ جي ڳالهه اها آهي ته ڪا تنظيم ڀلي ڪيتري به سگهاري هجي، ان جي ڏيهه پرڏيهه ۾ ڪيتري به مقبوليت هجي، پر اها رياست کان سگهاري نٿي ٿي سگهي. هاڻي جڏهن رياست پنهنجي سگهه ڏيکارڻ شروع ڪئي آهي ته دانهون شروع ٿي ويون آهن. ها البته اها ڳالهه مشاهدي ۾ ضرور آئي آهي ته پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جيڪا وٺ پڪڙ شروع ڪئي آهي، ان ۾ سُڪن سان گڏ ساوا به سڙي رهيا آهن. ماڻهن جو ساهه مُٺ ۾ آهي. پوليس طرفان، قانون کي گهربل ماڻهن جي گهر ڀاتين کي هراسان ڪرڻ جون خبرون رپورٽ ٿي رهيون آهن، ۽ گهڻا ماڻهو ته هراس ۾ حواس وڃائي گهرن کي تالا هڻي غائب ٿي ويا آهن. پروفيشنل ذميواريون ادا ڪندڙ ڪجهه صحافين جي گهرن تي پڻ ڇاپا هنيا ويا آهن. سوال اهو آهي ته جن ماڻهن جو وڳوڙن سان واسطو ڪونهي، انهن کي ڪهڙي ڏوهه جي سزا ڏني پئي وڃي؟

جڏهن به ڪو اهڙو موقعو ايندو آهي، ڪو ڪريڪ ڊائون شروع ٿيندو آهي ته پوليس جي ڪمائيءَ جي موسم شروع ٿي ويندي آهي. هن ڀيري به ائين ئي نظر پيو اچي، خاص ڪري پنجاب ۾. ان ڪري پوليس کي پابند ڪيو وڃي ته انساني حقن جي پاسداري ڪئي وڃي. جيڪي ماڻهو قانون کي گهربل آهن، انهن کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ تي ڪنهن کي به اعتراض ڪونهي، باقي انهن جي گهر ڀاتين، پاڙيسرين ۽ دوستن کي هراسان نه ڪيو وڃي. ضلعي سطح تي پوليس جي ڪارروائين کي مانيٽر ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن انساني حقن جي ڀڃڪڙي نه ٿئي.

نُورين فاطمه جو درد سنڌ جي هر ڌيءَ جو درد آهي

عائشه ڏاريجو

جنهن سماج ۾ اسان رهون ٿا، ان سماج ۾ عورت ٿيڻ سَوَن مسئلن جي منهن ۾ پوڻ آهي. جنهن سماج ۾ عورت کي جنس طور پٺتي رکيو وڃي، جنهن سماج ۾ مرد خودمختيار ۽ عورت ٻاندي هجي، ان سماج ۾ نُورين فاطمه جهڙا واقعا رُونما ٿيندا آهن. هي هڪ ڪيس آهي، جيڪو سوشل ميڊيا جي سامهون آيو آهي پر الائجي ڪيترا ڪيس هوندا، جيڪي رات جي اونداهين ۾ غرق ٿي ويا هوندا. اُنهن قتل ٿيندڙ عورتن کي نه ڪفن ڏنو ويندو آهي، نه ڪا انهن جي جنازي نماز ٿيندي آهي. نه ئي تڏو وڇايو ويندو آهي. اُهو ڏک ڀينرن، نانين، ماسين لاءِ وڏو هوندو آهي پر سڀ کان وڏو سانحو ماءُ لاءِ هوندو آهي. اِهو ڏک ماءُ لاءِ برداشت ڪرڻ جهڙو نه هوندو آهي پر ماءُ گهر جي مردن جي عزت رکڻ خاطر ڪين ڪيسن ۽ سزائن کان بچائڻ خاطر پنهنجا ڳوڙها پوتيءَ جي ڪنڊ سان اُگهي سُڏڪا سيني ۾ دفن ڪري سمهندي آهي. متان ڪو سڏڪو سيني مان نڪري ماءُ جي ممتا کي جاڳائي وجهي، ان ڊپ کان گهر ۾ ماتم جهڙي خاموشي ڇانيل رهندي آهي. وقت گذرندي ڏک پراڻا ٿي پوندا آهن پر امڙين جي اندر ۾ ڏونهين ڌُڪندي رهندي آهي. نُورين فاطمه هڪ پڙهيل لکيل خاندان ۾ جنم ورتو. نُورين کي سندن والدين اعليٰ تعليم ڏياري پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته انهن والدين پنهنجي ڌيءَ کي زندگي گذارڻ جا بنيادي حق نه ڏنا ۽ عام رواجي والدين وانگر سندس رشتو پنهنجي ئي خاندان ۾ ڪرڻ چاهيو. جنهن تي نُورين پنهنجو آئيني ۽ شرعي حق استعمال ڪندي انڪار ڪيو. جيڪا ڳالهه نُورين جي والد ۽ ڀائرن کي نه وڻي. نُورين جو منصور علي سومرو سان ڄاڻ سڃاڻ وارو تعلق 2015ع ۾ پيدا ٿيو. ان کان پوءِ انهن جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي. آهستي آهستي اِهو رشتو محبت ۾ تبديل ٿي ويو. 2018ع ۾ منصور پنهنجن مائٽن کي نُورين جو رشتو وٺڻ لاءِ موڪليو پر اُهو ئي ٿيو، جيڪو ٿيندو رهيو آهي. نُورين جي والدين انڪار ڪري ڇڏيو. منصور پوءِ به نا اُميد نه ٿيو ۽ پنهنجن وڏڙن کي نُورين جي والدين جي مرشدن طرف موڪليو پر بدقسمتيءَ سان انهن به منصور کي ڪو خاطر خواهه جواب نه ڏنو. هر طرف کان رستا بند ٿيندي نظر پئي آيا. هوڏانهن نُورين تي مائٽن طرفان دٻاءُ وڌو ويو ته هن سئوٽن مان ڪنهن به هڪ جي چونڊ ڪري. نُورين جي امڙ پنهنجي ڌيءَ سان گڏ هوندي، ڌيءَ جو ڏک محسوس ڪندي ڪجهه به نه ڪري سگهي، ڇو ته هي پدرشاهي سماج آهي. جنهن ۾ گهر ڌياڻيءَ کي پنهنجن ٻارن جي زندگيءَ بابت فيصلا سازي ۾ ڪا به اهميت ناهي ڏني ويندي، هُوءَ رڳو نالي ماتر گهر ڌياڻي هوندي آهي، هر اختيار سندس مڙس وٽ هوندو آهي، ڇو جو اُهو مرد آهي. ان مرداڻي سماج ۾ عورت ڪيئن ٿي پنهنجو بچاءُ ڪري، ڪيئن ٿي جيئي. اِها سندس همٿ آهي. اهڙي صورتحال ۾ نُورين ۽ منصور هڪ فيصلو ڪيو. جيڪو نڪاح جو هو. نڪاح ان بنياد تي ٿيو ته جيڪڏهن نُورين جي شادي زبردستي ڪئي ويندي ته هو منصور سان ٿيل نڪاح والدين اڳيان ظاهر ڪندي. ائين 2021ع ۾ انهن ڪورٽ ميريج ڪئي. ان سموري عرصي ۾ نُورين پنهنجو نڪاح راز ۾ رکيو. والد طرفان اهو دٻاءُ هو ته اسان جي مرضيءَ تي شادي ڪري. مجبورن تنگ ٿي منصور اِها سموري ڳالهه نُورين جي والد جي دوست سان ڪئي. جنهن 2023 مارچ جي 16 تاريخ تي نُورين جي والدين کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو. ان کان پوءِ نُورين تي بدترين ذهني تشدد ڪيو ويو. فون کسي وئي. خُلع لاءِ دٻاءُ وڌو ويو پر نُورين جا حوصلا بلند رهيا. اُها مسلسل انڪار ڪندي رهي. منصور سان به رابطا ڪيا ويا. خلع لاءِ زور رکيو ويو پر ان به انڪار ڪيو. آخرهيئين واٽ وٺندي نُورين جي والدين رخصتيءَ جي هاڪار ڪئي پر اندران قتل جي پلاننگ هلندي رهي ۽ آخرڪار سومر جي ڏينهن نُورين جو سندس گهران گولي لڳل لاش هٿ آيو. سمورا خواب نُورين جي اکين ۾ رهجي ويا. هُوءَ حق سچ تي هوندي والدين جي عزت جو خيال رکندي به ماري ويئي. هن وقت نُورين جي مڙس منصور سومرو جي فرياد تي نُورين جو ڪيس سندس والد ۽ ڀاءُ تي داخل ڪيو ويو آهي. منصور جو چوڻ آهي ته نُورين کي سندس مائٽن قتل ڪيو آهي. ڪيس جي جاچ هلندڙ آهي. ان سموري واقعي کي سامهون رکندي ڪجهه سوال ذهن ۾ اُڀرن ٿا. اسان پنهنجي اولاد کي پنهنجي وَس آهر، مالي حيثيت آهر هر سک ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. سندس لٽي ڪپڙي، کاڌي پيتي سميت ضرورت جي هر شيءِ جو خيال رکندا آهيون پر زندگي جي اهم فيصلي، جنهن جي بنياد تي عورت پنهنجي سموري زندگي ڪنهن اڻڄاڻ ماڻهوءَ سان گذاري ڇڏيندي آهي. ان فيصلي جو اختيار ناهيون ڏيندا. سندس اظهار راءِ جو ڪيس اختيار ناهيون ڏيندا. ايترو حق ناهيون ڏيندا ته هوءَ پسند ناپسند جو اظهار ڪري، ڇو؟!! پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻ هر انسان جو جائز شرعي ۽ آئيني حق آهي، پوءِ اسان ڪير ٿيندا آهيون انهن جي حقن تي ڌاڙا هڻندڙ؟ اسان نياڻيءَ کي پاليو، نپايو، پيار ۽ عزت ڏني ۽ جڏهن هُوءَ ان قابل ٿي وڃي ٿي ته پنهنجا فيصلا پاڻ ڪري يا توهان جي فيصلن تي اظهار راءِ جو حق استعمال ڪري ته ان ۾ غلط ڇا آهي؟ والدين پنهنجي اولاد ۽ پنهنجي وچ ۾ ايترا فاصلا ڇو پيدا ڪندا آهن يا گهر ۾ اهڙي پُل ڇو نه ٺاهيندا آهن. جنهن تي هلي ڪري ڌيءَ هجي يا پٽ، توهان جي ويجهو اچي ۽ پنهنجي اندر جي اٿل پُٿل کي توهان سان ونڊي ۽ اُن اٿل پٿل کي محسوس ڪندي اڳتي هلي توهان ان جا بهترين دوست ثابت ٿيو. جنهن تي اولاد کي ڀروسو هجي، جيڪو اُن جي چونڊ کي رد نه پر اولاد سان ملي ڪري اُن چونڊيل ماڻهوءَ جي سڀني پاسن کي ڏسي سندس گهر جي ماحول کي ڏسي هڪ گڏيل فيصلو ڪن. جيڪو سموري گهر لاءِ صحيح ثابت ٿئي .هن وقت اسان جي سماج ۾ جهڙي طرح عورت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، سا سراسر غلط آهي. اسان ڪڏهن به عورت جي اصل روح کي سمجهو ئي ناهي. ڏسو نُورين مائٽن جي هر تڪليف برداشت ڪئي، ذهني جسماني تشدد برداشت ڪيو پر پنهنجو گهر نه ڇڏيو ۽ انهن مائٽن ساڻس ڇا ڪيو، اهو توهان جي سامهون آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته مائٽن طرفان پابنديون، بندشون ۽ رُڪاوٽون ڌيئرن لاءِ هونديون آهن. ڇو جو ڌيئرون پُٽن کان وڌيڪ حساس، مائٽن جو خيال رکندڙ، نوڙت ڪندڙ، والدين جي چوڻ تي خاموشي اختيار ڪندڙ ۽ قرباني ڏيندڙ هونديون آهن. پُٽن تي ٿوري سختي ڪريو ته توهان جي سامهون ٿي بيهندا، جواب ڏيندا، پنهنجي حصي جي ملڪيت جي گهُر ڪندا، گهر ڇڏي هليا ويندا، والدين چوندا ته ٻيلي پُٽ آهي، تڏي جو مالڪ آهي، ڌيئرون ته گهر ڇڏي هليون وينديون، اسان جو نسل وڌائيندڙ اُهو ئي آهي. اِهي غلط معيار ۽ غلط ماپا آهن. ڌيئرون بيبي زينب رضه جهڙيون به ٿينديون آهن. ڌيئرون بيبي عائشه رضه بيبي فاطمه رضه. بيبي خديجته الڪبرا رضه جهڙيون به ٿينديون آهن. ڌيئرون فاطمه جناح، اندرا گانڌي، بينظير ڀٽو، محبوبا مفتي، حسينه واجد، بلقيس ايڌي، مارگريٽ ٿيچر، ليڊي ڊيانا، جيسنڊا آرڊرن، عاصمه جهانگير ۽ فاطمه ڀٽو جهڙيون به ٿينديون آهن. اهڙا ڪيئي نالا آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڌيئرن هر محاذ تي پاڻ مڃرايو آهي. منهنجي خيال ۾ هاڻ اِهي پراڻا خيال، وهم وسوسا ختم ٿيڻ گهرجن، جن جي بنياد تي پُٽ کي اوليت ڏني ويندي آهي ۽ ڌيئرن کي "ڌيءَ پرائو ڌن" چئي پٺتي ڪيو ويندو آهي. رڳو پُٽ ئي خاندان نٿا هلائي سگهن، ڌيئرون به پاڻ ملهائي چڪيون آهن.

نُورين هن وقت جسماني طور اسان سان گڏ ناهي پر اسان جي سول سوسائٽي جي ڊماند هوندي ته نُورين جي قتل جو سچ اسان سڀني جي سامهون اچي، جيئن سماج ۾ خاص طور تي عام ماڻهوءَ جي ذهنن ۾ جيڪي سوال اُڀري رهيا آهن، انهن جا جواب ملي سگهن. نه صرف ايترو پر مظلوم جي اندر وري آس جنم وٺي ته انصاف اڄ به ٿي رهيو آهي. ڳالهه رڳو همٿ، سچائي ۽ بهادريءَ سان ڪيس وڙهڻ جي آهي. هن ڪيس ۾ پوليس جو ڪردار ٻين ڪيسن جي بنسبت هيستائين بهتر رهيو آهي. اسان اميد ڪنداسين ته اڳتي به پوليس پنهنجا فرض هن ڪيس ۾ ضرور نڀائيندي. جيڪڏهن هي قتل آهي ته جوابدارن کي ڪورٽ ۾ پيش ڪري Speedy Trial ڪرائي جلد سزا ڏني وڃي، جيئن مظلوم نياڻيءَ سان انصاف ٿي سگهي.

****

سِڪڻ ۽ سوري، ٻئي اَڪر هيڪڙي؛
وِهڻ واٽَڙِيَن تي، ڪارڻ ضروري؛
ٻِنهي جي پُوري، جِيءَ ڏني رِيَ نه جُڙي

اقتداري اشرافيه جون انائون!

اشفاق آذر

ڪنهن کي احساس آهي ته ملڪ هڪ بدترين chaos ۽ افراتفريءَ ۾ ويڙهجي چڪو آهي، ڪنهن کي احساس آهي ته هڪ ملڪ، بقول اياز امير جي ته، جنهن ۾ ڪا خاص خوبي ته ناهي پر بهرحال هڪ چڱو ڀلو ملڪ هو جنهن جو ٻيڙو غرق ڪيو ويو آهي؟ جنرل باجوه کي 6 سال گهربل هئا. فيض حميد کي آرمي چيف ٿيڻو هو عمران خان کي طيب اردگان جهڙو صدر ٿيڻ جي خواهش هئي، پي ڊي ايم کي ڪيسن ۽ عمران خان مان ڇوٽڪارو گهربل هو انهن ذاتي خواهشن ۽ مفادن جي پورائي لاءِ رڳو هڪ سال اندر ملڪ جو مهاندو ئي بدلايو ويو. هاڻ بدترين معاشي ڊفالٽ جي دروازي تي دستڪ ڏيندڙ هن ملڪ ۾ حڪمران اشرافيه جو موضوع سخن ئي هڪٻئي جي جنڊاپٽ آهي. سوشل ميڊيا تي نظر ڦيرائجي ٿي ته مخالف پارٽين جا ڪارڪن ۽ همدرد هڪٻئي تي هڪ گار لاهين ٿا، ٻي چاڙهين ٿا. صحافت آهي جيڪا سياسي بيانين جي وچ ۾ ورهائجي چڪي آهي. عدليه مٿان هڪ لاچارگي جهڙي ڪيفيت طاري آهي. فوج کي پنهنجي اداري جو اميج سڀ کان وڌيڪ عزيز آهي. تياڪڙي ڪندڙ ادارو هاڻ خود هڪ ڌر بڻجي چڪو آهي. بس جيڪو آهي سو اقتداري اشرافيه جون انائون آهن. ڪنهن کي ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي ته هن بحران در بحران واري صورتحال مان نڪرڻ جو رستو ڪهڙو آهي. عوام آهي جيڪو پهريان به پوڳيندو رهيو آهي، هاڻ به پوڳي رهيو آهي.

جڏهن عمران خان پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبليون ٽوڙيون ته وٽس اهو آخري پتو بچيو هو جنهن وسيلي هو اليڪشن ڏانهن وڃي پئي سگهيو پر نگران حڪومتن جي قيام ڪانپوءِ حڪومتي حلقن مان اهي آواز اچڻ شروع ٿي ويا هئا ته اليڪشن نه ٿيندي. مريم نواز ته جلسن ۾ اهو چوندي هئي ته پهريان احتساب ٿيندو اليڪشن بعد ۾ ٿيندي. پهريان ليول پليئنگ فيلڊ ٿيندي، انصاف جا ٻئي پلڙا هڪ جيترا ٿيندا، پوءِ اليڪشن جو وارو هوندو يعني سندس چواڻي عمران دور ۾ جيڪو ساڻن ٿيو سو پهريان عمران خان سان به ٿيندو آئين ۽ قانون موجب 90 ڏينهن ۾ اليڪشن ٿيڻي هئي. سپريم ڪورٽ به اهو فيصلو ڏنو بلڪ 14 مئي جي تاريخ به ڏئي ڇڏي. اليڪشن نه ٿيڻي هئي، نه ٿي. هڪ سادي ڳالهه کي منجهايو ويو. مسئلو اهو هو ته حڪمران ڌرين کي خوف هو ته اليڪشن ۾ پي ٽي آءِ اڳتي نڪري ويندي، تنهنڪري ڪو اهڙو بندوبست ڪرڻ گهرجي، جنهن سان اليڪشن نه ٿئي يا جڏهن به ٿئي ته پي ٽي آءِ جو ڪو نالو وٺڻ وارو نه هجي. اهو بندوبست اسٽيبلشمينٽ سان گڏجي ڪيو ويو عمران خان جي گرفتاري ۽ ان ڪانپوءِ 9 مئي واري صورتحال سڀني جي سامهون آهي. هاڻ ته پي ٽي آءِ کي جيڪي سياسي اڳواڻن جي نالي ۾ "تحفا" ڏنا ويا هئا، سي به واپس ورتا پيا وڃن. ميڊيا انهن کي وڪيٽون ڪِرڻ سان تشبيهه پئي ڏئي. حقيقت ۾ ته اهو عمران خان کي ڪم سولو ڪري ڏنو پيو وڃي ته سندس پارٽي اهڙن ڪمزور ماڻهن کان خالي ڪئي پئي وڃي، جيڪي دٻاءُ کي برداشت نٿا ڪري سگهن. هاڻ جيڪي به عمران خان سان گڏ هوندا، دراصل اهي ئي سندس نج سياسي قوت هوندا. پي ڊي ايم لاءِ اها بهرحال ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي ته باوجود بي شمار ڪيسن جي، جن ۾ دهشتگردي ۽ ڪرپشن جا ڪيس شامل آهن، عمران خان جي مقبوليت گهٽجڻ بدران ويتر وڌندي پئي وڃي. ان ۾ عمران خان جي پنهنجي محنت بدران پي ڊي ايم جون پنهنجون غلطيون وڌيڪ آهن. اول ته عمران خان جڏهن جنرل باجوه سان جهيڙي ۾ آيو ته پي ڊي ايم وارن کي پنهنجو سياسي ڪلهو پيش نه ڪرڻ گهرجي ها، ان وقت عمران خان مقبوليت جي انتهائي هيٺئين درجي تي هو پي ڊي ايم کي باقي هڪ سال تائين انتظار ڪرڻ گهرجي ها ته خان حڪومت پنهنجو ملبو پورو ڪري عوام ۾ انتهائي غير مقبول ٿي وڃي ها. جيتوڻيڪ نواز شريف ۽ مريم نواز جو حلقو ان حق ۾ هو پر شهباز شريف جي وزيراعظم ٿيڻ جي شوق ڪين قائل ڪري ورتو ۽ هنن حڪومت حاصل ڪري ورتي. ٻي غلطي ڪانئن اها ٿي ته حڪومت ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڪين جيڪا نيب ۽ ٻين قانون ۾ ترميم ڪرڻي هئي، سا ڪري اليڪشن جو اعلان ڪن ها. پر هنن ائين نه ڪيو ۽ عمران خان جي وڇايل بارودي سرنگهن جو شڪار ٿي ويا. ان وقت عمران خان ملڪ اندر توڙي ٻاهر شديد اڪيلائيءَ جو شڪار هو. حڪومت وڃائڻ ڪانپوءِ سندس اهو بيانيو ته امريڪا هتان جي سهولتڪارن سان ملي سندس حڪومت ڪيرائي آهي، ڪيس سياسي طور غير يقينيءَ جو شڪار بڻائي ڇڏيو هو پر پي ڊي ايم عمران خان جو ڪم سولو ڪري ڇڏيو. عمران خان کي اهو يوٽرن ڦبي ويو ۽ هن امريڪا تان الزام هٽائي جنرل باجوه تي هڻي ڇڏيو.

هاڻي صورتحال اها آهي ته جنرل باجوه الائي ڪٿي رهجي ويو، موجوده آرمي چيف جنرل عاصم منير عمران خان جي نشاني تي آهي. هي اهو ئي جنرل عاصم منير آهي، جيڪو جڏهن عمران خان دور ۾ ڊي جي آءِ ايس آءِ ٿيو هو ته سندس مقرريءَ جي 8 مهينن ۾ ئي ڪيس عهدي تان هٽايو ويو هو. ميڊيا ۾ اهو رپورٽ ٿيو ته عاصم منير وٽس سندس گهر واري بشريٰ بيبي جي ڪرپشن جو فائيل کڻي آيو هو جنهن تان ڪاوڙجي خان ڪيس هٽائي ڇڏيو اها ڳالهه پرڏيهي ميڊيا ۾ به رپورٽ ٿي، جيتوڻيڪ عمران خان انهيءَ الزام جي ترديد ڪري ٿو پر اها وضاحت نٿو ڪري ته 3 سالن واري پوسٽ تي ويٺل عاصم منير کي فقط 8 مهينن اندر ڇو فارغ ڪيو ويو؟ نيب ڪيس ۾ گرفتاريءَ ڪانپوءِ جڏهن عمران خان آزاد ٿي پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهايو ته اهو چيو ته جنرل عاصم منير سندس گرفتاريءَ پويان آهي، جو ڪيس ڊپ آهي ته آئون اقتدار ۾ آيس ته ڪيس عهدي تان هٽائي ڇڏيندس، پر آئون ائين ڇو ڪندس! هاڻ جڏهن عمران خان آرمي چيف کي سنگل آئوٽ ڪري ڇڏيو آهي ته هاڻ هي ويڙهه ذاتي ٿي وئي آهي، ان ڪري ئي عمران خان آمريڪي سينيٽرن ۾ پاڪستان مٿان دٻاءُ وجهڻ لاءِ لابنگ به ڪري رهيو آهي. عمران خان پنهنجي لاءِ هڪ ڏکي ويڙهه جي چونڊ ڪئي آهي، اسٽيبلشمينٽ هن ملڪ جي سگهاري سياسي قوت رهي آهي ۽ پنهنجي پسند جا ماڻهو چونڊرائي حڪمراني ڪرڻ جي هڪ طويل تاريخ رکي ٿي. عام طور تي اهڙن معاملن ۾ اسٽيبلشمينٽ ئي سوڀاري ٿيندي آهي پر هن وقت ان کي اندران پڻ چيلينجز آهن جو رٽائرڊ جرنيلن جي اڪثريت سميت اداري اندر به عمران خان جا حامي موجود آهن. تنهنڪري اهو چوڻ مشڪل آهي ته اها ويڙهه ڪهڙو رخ اختيار ڪندي.

هن وقت ملڪ ۾ جيڪا پرتشدد اقتداري راند هلي رهي آهي، سا ملڪ کي ڪيڏانهن وٺي ويندي، ان سوال کي بي معنيٰ بڻايو ويو آهي. هاڻ اهم اهو آهي ته 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث ماڻهن جا ڪيس فوجي ڪورٽن ۾ هلندا. هاڻ بنيادي ڪم اهو آهي ته عمران خان تي وڌيڪ ڪهڙا ڪيس داخل ڪجن. هاڻ سڀ کان ضروري شيءِ اها آهي ته عمران خان جا ماڻهو ٽوڙي ڪيس اڪيلو ڪيئن ڪجي؟ ملڪي معيشت ڏيوالي جي حد کي ڇهي رهي آهي، آئين بي وس ۽ قانون جو انڌو استعمال جاري آهي. مهانگائي گذريل 50 سالن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ٿي آهي، بجلي ۽ گيس جون قيمتون انڌا ڌنڌ وڌي رهيون آهن. عام ماڻهو ته ٺهيو پر ڪاروباري طبقي جا به مٽي تي هٿ آهن. آءِ ايم ايف پيسا ڏيڻ کان جواب ته نه ڏنو آهي پر ان ۾ دير وڌيڪ معاشي مشڪلاتون ڪڙيون ڪري ڇڏيون آهن. گذريل 10 سالن ۾ ڊيفالٽ کان بچڻ لاءِ ملڪ پنهنجي وت کان وڌيڪ قرض وٺي چڪو آهي، رڳو چين جا اسين 30 ارب ڊالرن جا قرضي آهيون. پاڪستان کي هن سال پرڏيهي ادائگين ۾ 20 ارب ڊالر ڏيڻا آهن. پاڻ وٽ پيا لڳ ڀڳ 3 ارب ڊالر آهن. مٿان ٽي ٽي پي جي ڌرين هٿيار سڌا ڪيا آهن. دهشتگردي کان ويندي اسٽريٽ ڪرائمز تائين ملڪ سيڪيورٽي جي بدترين صورتحال جو شڪار آهي ۽ اسان جي اقتداري اشرافيه جي گفتگو جو موضوع ئي پيو آهي. ڪنهن کي احساس آهي ته ان اقتداري جنگ ۾ ملڪ هڪ بدترين chaos ۾ ويڙهجي چڪو آهي؟

بقايا 01

سربراهي ۾ جسٽس اعجازالاحسن ۽ جسٽس منيب اختر تي ٻڌل ٻنچ ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي جي شروعات ۾ اليڪشن ڪميشن جو وڪيل سجيل سواتي روسٽرم تي آيو هن عدالت کي ٻڌايو ته وفاق ۽ پنجاب حڪومت عدالت ۾ جيڪو جواب جمع ڪرايو اهو اسان کي هاڻي مليو آهي چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته شايد تحريڪ انصاف جواب جمع ناهي ڪرايو جنهن تي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته تحريڪ انصاف سميت ڪنهن ڌر جي جواب جي ڪاپي ناهي ملي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل اپيل ڪئي ته جوابن جو جائزو وٺڻ لاءِ موقعو ڏنو وڃي چيف جسٽس چيو ته اوهان پنهنجي درخواست تي ته دليل ڏيو ايندڙ ٻڌڻي تي ڪوئي نئون نقطو اٿارڻو هجي ته اٿاري سگهون ٿا اليڪشن ڪميشن جي وڪيل دليل ڏيڻ شروع ڪيا وڪيل عدالت ۾ شڪايت ڪئي ته ڪنهن جواب پهريان کان مون کي فراهم ناهي ڪيو جنهن تي چيف جسٽس چيو ته ڇا اسان اوهان جي مدد ڪريون ته جوابن ۾ ڇا چيو ويو آهي پهريان اهو ٻڌائڻو آهي ته ڪيئن نظرثاني درخواست ۾ نوان نقطا اٿاري سگهجن ٿا سجيل سواتي دليل ڏنا ته نظرثاني درخواست جو دائرو آئيني ڪيسن ۾ محدود ناهي هوندو سپريم ڪورٽ جو دائرو وڌائي سگهجي ٿو جڏهن ته گهٽائي نٿو سگهجي نظرثاني ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ جو دائرو ديواني ۽ فوجداري ڪيسن ۾ محدود هوندو آهي جسٽس اعجازالاحسن چيو ته بنيادي حقن لاءِ عدالت وٽ سول نوعيت جو ڪيس هوندو آهي جڏهن ته اليڪشن ڪميشن جي وڪيل اپيل ڪئي ته آرٽيڪل 184(3) جي تحت ڪارروائي سول نوعيت جي ناهي ٿيندي جسٽس اعجازالاحسن چيو ته آرٽيڪل 184(3) جو هڪ حصو عوامي مفاد ٻيو بنيادي حقن جو آهي جسٽس منيب اختر ٻڌايو ته جيڪڏهن چونڊن جو ڪيس هاءِ ڪورٽ مان ٿيندي اچي ها ته ڇا سول ڪيس نه ٿئي ها سجيل سواتي چيو ته هاءِ ڪورٽ جو آئيني اختيار سپريم ڪورٽ کان وڌيڪ آهي جسٽس منيب اختر چيو ته چونڊن سان پنجاب خيبرپختونخواهه جي ڪروڙين عوام جا حق لاڳاپيل آهن عوامي مفاد ته 90 ڏينهن ۾ اليڪشن ٿيڻ ۾ آهي هن چيو ته هاءِ ڪورٽ مان اپيل اچي ته اوهان مطابق عدالتي دائرو محدود آهي نظرثاني ڪيس ۾ اوهان جو موقف آهي ته دائرو محدود ته آهي جسٽس منيب اختر چيو ته ڇا هي بنيادي حقن جي ڪيس سان فرق وارو ورتاءُ نه آهي. سپريم ڪورٽ جو پنهنجي دائري ۾ ابهام پيدا ڪري سجيل سواتي چيو ته آرٽيڪل 184 ۾ اپيل جو حق ناهي ڏنو ويو اپيل جو حق نه هجڻ جي ڪري نظرثاني جو دائرو محدود نٿو ڪري سگهجي هن چيو ته عدالت کي نظرثاني ۾ انصاف جي گهرجن کي نظر ۾ رکڻو آهي نظرثاني ۾ ضابطي جي ڪارروائي ۾ نه پوڻ گهرجي آئيني ڪيسن ۾ نئون نقطو اٿاري سگهجي ٿو جسٽس منيب اختر چيو ته ڇا اوهان جو دليل آهي ته 184(3) ۾ نظرثاني کي اپيل وانگر ٻڌڻي ڪئي وڃي جنهن تي وڪيل چيو ته بلڪل مان اهو ئي چئي رهيو آهيان 184(3) ۾ نظرثاني اپيل اصل ۾ اپيل ئي هوندي آهي ڪيس ۾ نظرثاني جو دائرو محدود نه هئڻ گهرجي چيف جسٽس اليڪشن ڪميشن جي وڪيل کي چيو ته اوهان دليلن ۾ وڏا سٺا نقطا اٿاريا آهن پر انهن نقطن تي عدالتي حوالا اطمينان جوڳا نه آهن جسٽس اعجازالاحسن چيو ته اوهان جا دليل مڃيا وڃن ته نظرثاني ۾ نئين سر ٻڌڻي ڪرڻي پوندي آئين ۾ ناهي لکيو ته نظرثاني ۽ اپيل جو دائرو برابر هوندو اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته آئين ۾ دائرو محدود به ناهي ڪيو ويو چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته نظرثاني کي اپيل ۾ تبديل نه ڪريو آئين آرٽيڪل 184(3) ۾ اپيل جو حق ناهي ڏنو دائرو وڌائڻ لاءِ آئين واضح هجڻ گهرجي. جنهن کان پوءِ 25 مارچ تي پي ٽي آءِ اليڪشن ڪميشن پاران پنجاب اسيمبلي جون چونڊون ملتوي ڪرڻ جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي هئي جنهن تي 4 اپريل تي ٻڌڻي ڪندي عدالت فيصلي ۾ چيو هو ته اليڪشن ڪميشن 90 ڏينهن کان مٿي نٿو وڃي سگهي اليڪشن ڪميشن جي غيرقانوني فيصلي سان 13 ڏينهن ضايع ٿيا آئين ۽ قانون اليڪشن ڪميشن کي تاريخ ۾ واڌ جي اجازت نٿو ڏئي اليڪشن ڪميشن چونڊن جي 8 آڪٽوبر جي تاريخ ڏئي اختيار واري دائري کي اورانگهيو فيصلي ۾ چيو ويو ته صدر جي ڏنل تاريخ جو فيصلو بحال ڪيو وڃي ٿو 30 اپريل کان 15 مئي وچ ۾ صوبائي چونڊون ڪرايون وڃن

بقايا 02

موجب جاري رهنديون هن ٻڌايو ته سڄي ملڪ ۾ گرمين جون موڪلون 15 جون کان 14 آگسٽ تائين هونديون. گرمين جي موڪلن ڪانپوءِ سڄي ملڪ ۾ پرائيويٽ اسڪول 15 آگسٽ تي کلندا. سنڌ ۾ گرمين جون موڪلون پهرين جون کان 31 جولاءِ تائين هونديون. واضح رهي ته پاڪستان جي شهيدن جي قربانين کي پيٽا پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جنهن تحت 25 مئي تي "يوم تڪريم شهداءِ پاڪستان" ملهايو ويندو

بقايا 03

۾ گهر ٿيو هجي ان تي گولي هلائي وئي هجي اغوا ڪيو ويو هجي يا ان جون پاسيريون ٽوڙيون ويون هجن صحافي جي سوال تي هن چيو ته عمران رياض صحافي ته آهي سياسي پارٽي جو ترجمان آهي جيڪو صحافي سياسي پارٽين جي ترجماني ڪري يا تشدد کي هوا ڏي ته ان کي ٻين صحافين سان نه ڳنڍيو وڃي جيڪي آزاد صحافت تي يقين رکندا هجن هن سوال تي وفاقي وزير چيو ته عمران خان کي سندس دور ۾ عالمي صحافتي تنظيم ميڊيا پريڊيٽر جو خطاب ڏنو جڏهن ته شهباز شريف جي دور ۾ پاڪستان جي ميڊيا فريڊم انڊيڪس ۾ 7 درجا بهتري آئي عمران خان پنهنجي دور ۾ صحافين کي گرفتار ڪرايو صحافين جي نوڪري تي ٺنهن ڏنو انهن جا هلندڙ پروگرام بند ڪيا ٽي وي چينل بند ڪيا جڏهن ته اسان جي دور ۾ سڀ ٽي وي چينل هلي رهيا آهن هر اينڪر کي ڳالهائڻ جي آزادي آهي ڪنهن جو آواز بند ناهي ڪيو ويو ڪنهن هڪ صحافي جو نالو ٻڌايو جنهن جي نوڪري تي ٺنهن ڏنو ويو هجي مريم اورنگزيب چيو ته ڪو به شخص غائب ٿيو هجي ته اسان ان جي مذمت ڪئي آهي عمران رياض جي خلاف عدالتن ۾ ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهن هن چيو ته اسان جي حڪومت آزاد صحافت تي يقين رکي ٿي ملڪ ۾ آزاد صحافت کي هٿي ڏيڻ سان ئي ميڊيا فريڊم انڊيڪس ۾ پاڪستان جي رينڪ مٿي ٿي آهي.

بقايا 04

منهنجو ٻار، ماءُ ۽ منهنجي صحت بهرين ترجيح آهي. اڄ کان پي ٽي آءِ يا ڪنهن سياسي پارٽي جو حصو ناهيان گذريل 12، 10 ڏينهن جي وچ ۾ منهنجي صحت خراب ٿي وئي هئي. هن چيو ته رياستي ادارن کي نشانو بڻائڻ جي هر ڪنهن کي مذمت ڪرڻ گهرجي. 9 ۽ 10 مئي جي واقعن جي به مذمت ڪريان ٿي. ياد رهي ته شيرين مزاري کي 9 مئي جي واقعي ڪانپوءِ 3 ايم پي او تحت گرفتار ڪيو ويو هو شيرين مزاري پارٽي قيادت يا رياستي ادارن سان ڪا غلا نه ڪئي پر فياض الحسن چوهاڻ چيو ته پارٽي اڳواڻ گرفتار ٿيا پر عمران خان ڪنهن جي مذمت نه ڪئي. هن چيو ته منهنجي خاندان جا 4 ڀاتي گرفتار ٿيا.

بقايا 05

پينشن سڌارن کي جلد آخري شڪل ڏني وڃي تخليقي طريقو اختيار ڪندي پينشن فنڊ قائم ڪيو وڃي روينيو وڌائڻ لاءِ ٺوس قدم کنيا وڃن ۽ ٽيڪس نيٽ ۾ اضافو ڪيو وڃي جڏهن ته وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته ايندڙ مالي سال جي بجيٽ وفاقي ڪابينه مان منظوري کان پوءِ 9 جون 2023 تي پيش ڪئي ويندي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري ڪيل بيان مطابق وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ مالي سال 2023_24 جي بجيٽ جي تياري جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس ٿيو. اسلام آباد ۾ ٿيو اجلاس ۾ معاشي ٽيم پاران وزيراعظم کي بجيٽ جي تيارين تي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس سان ڳالهائيندي وزيراعظم اطمينان جو اظهار ڪيو ته حڪومت جي تڪڙي حڪمت عملي سان يوريا ڀاڻ جو اگهه لاڳيتو گهٽ ٿي رهيو آهي جنهن سان نه رڳو هاري خوشحال ٿيندو پر ملڪ زرعي جنسن ۾ پاڻ ڀرو ٿيندو وزيراعظم ان ڳالهه تي به خوشي ظاهر ڪئي ته حڪومت جي بهتر معاشي پاليسين جي ڪري گذريل ٻن مهينن ۾ ڪيترن ئي سالن کان پوءِ ڪرنٽ اڪائونٽ سرپلس حاصل ڪيو ويو ان کان سواءِ وزيراعظم پينشن سڌارن کي جلد آخري شڪل ڏيڻ جي هدايت ڪندي چيو ته تخليقي طريقو اختيار ڪندي هڪ پينشن فنڊ قائم ڪيو وڃي ته جيئن قومي خزاني تي بوجهه گهٽ ٿي سگهي ۽ پينشنرز جي بهتري فلاح ۽ بهبود کي بهتري بڻائي سگهجي اجلاس کي ٻڌايو ته ايندڙ مالي سال جي بجيٽ وفاقي ڪابينه مان منظوري ڪانپوءِ 9 جون 2023 تي پيش ڪئي ويندي اجلاس ۾ اسحاق ڊار، خواجه آصف، رانا ثناءالله، احسن اقبال، احد چيمه، مصدق ملڪ، ملڪ احمد خان ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 06

جعلي آهي واضح رهي ته پاڪستان جي شهيدن جي قربانين کي پيٽا پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جنهن تحت 25 مئي تي "يوم تڪريم شهداءِ پاڪستان" ملهايو ويندو

بقايا 07

نهرائن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ ۽ ڀارت پاران والاريل ڪشمير جي غير قانوني قبضي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي. مودي جيڪو ڊرامو رچائي رهيو آهي اهو سڄي دنيا ڏسي رهي آهي جڏهن ته پاڪستان جا نمائندا ان ئي ڏينهن ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪري رهيا آهن. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اجتماع ۾ ايم ڪيو ايم، جي يو آئي ۽ جي يو پي نوراني سميت سمورن صوبن جي نمائندن جا ٿورا مڃيا. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پرڏيهي وزير طور باغ جو هي پهريون دورو آهي ۽ هو ملڪ جي هر شهري ۽ پارٽي جي نمائندگي ڪري رهيو آهي. هن چيو ته سياسي پارٽين ۾ نظرياتي ۽ سياسي اختلافن باوجود سڄي دنيا ۾ ملڪ جي نمائندگي ڪندو آهي هن چيو ته هو هڪ سال کان پرڏيهي وزير طور پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏئي رهيو آهي ۽ هر عالمي ڳالهين ۾ ڪشمير سندس ترجيح رهي ٿو چيئرمين بلاول ڀٽو چيو ته مان ته رڳو پاڪستان جو پرڏيهي وزير نه پر آزاد ڪشمير ۽ والاريل ڪشمير جو به پرڏيهي وزير آهيان.. پاڪستان جن عارضي اندروني مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي، ان جي باوجود ڪشمير سان اسان جا لاڳاپا نسل در نسل آهن. قائد عوام ڪشمير جي خاطر هزار سال وڙهڻ جو واعدو ڪيو هو اسان شهيدن جا جانشين آهيون ۽ هي سندن سرزمين آهي. اسان هميشه پنهنجي ڪشميري ڀائرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي رهنداسين چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هو جڏهن به گڏيل قومن يا ڪنهن عالمي فورم تي ويندو آهي ته هميشه ان ڳالهه تي زور ڏيندو آهي ته مسئلو رڳو پاڪستان ۽ ڀارت تائين محدود ناهي پر ڪشميري عوام ۽ دنيا جو به آهي. گڏيل قومن جي قراردادن ۾ چيو ويو آهي ته اهو مسئلو سڄي دنيا لاءِ ڳڻتي جوڳو آهي. ان جو واحد حل ريفرنڊم ڪرائڻ آهي. مان جڏهن گڏيل قومن طرفان ڪشميرين کي ڏنل حقن جي ڳالهه ڪريان ٿو ته هندستاني نمائندا جواب ۾ اسان کي "دهشت گرد" قرار ڏين ٿا. جڏهن اسان ڪشميري عوام ۽ سندن حقن جي ڳالهه ڪندا آهيون ته اسان تي دهشتگردن جي نمائندگي ڪرڻ جو الزام لڳائيندا آهن اهي اسان تي دهشتگرديءَ ۾ ملوث هجڻ جو الزام ڪيئن ٿا لڳائي سگهن. جڏهن ته اسان پاڻ ان کان متاثر ٿيا آهيون ۽ ٿي رهيا آهيون؟ باغ جي بن جيالن 18 آڪٽوبر 2007ع تي شهادت قبول ڪئي. اهو اسان جو مسئلو ناهي ته هندستان ۾ ان جماعت جي حڪومت آهي جيڪا مذهبي ۽ اسلام فوبيا جي شڪار آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جڏهن مودي کي قصائي سڏيو وڃي ٿو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي پٽ کي دهشتگرد قرار ڏين ٿا. اسان تي انتهاپسند ۽ دهشتگردن جو ليبل لڳائيندڙن جا اصل چهرا دنيا جي سامهون اچي ويا آهن هنن پاڪستان جي پرڏيهي وزير جي سر جي قيمت مقرر ڪئي. ڪشميرين جي جدوجهد سبب دنيا ڀارت جو اصل چهرو سڃاڻي چڪي آهي. دنيا ڪشميرين کي وساري نٿي سگهي ڇو ته اسان هر موقعي تي ڪشميرين لاءِ آواز اٿاريو جڏهن اسان G77 يا اسلامي تعاون تنظيم جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيا هئاسين، اسان توهان جي ووٽ جي حق جي مسئلي کي اٿارڻ لاءِ ائين ڪري رهيا هئاسين. شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي ڪشميري ڀائرن لاءِ او آءِ سي ۾ مبصر جو درجو حاصل ڪيو اسان او آءِ سي جي اجلاس ۾ آخري تقرير ڪشمير جي صدر کان ڪرائي، تازو اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته اسان آگسٽ 2019 کان هندستان سان بامعني ڳالهين جي ٻيهر شروع ٿيڻ جي باوجود گوا ۾ شنگهائي تعاون تنظيم ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪنداسين. اهو فيصلو دورانديشي سان ڪيو ويو ته هندستان کي ميدان کوليل نه ڏيڻ گهرجي. ان جي نمائندن کان اڳ، اسان هندستاني ميڊيا ۽ ان جي عوام سان امن جي حمايت ڪرڻ لاءِ ڳالهايو اسان پنهنجو پاڻ کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪيو جنهن ۾ ڪشميرين، پاڪستانين ۽ مسلمانن جي حقيقي سڃاڻپ کي اجاگر ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪو دهشتگرد آهي ته هو گجرات ۽ سمجهوتا ايڪسپريس ۾ دهشتگردي ڪرڻ وارو آهي. جڏهن ڀارت جي ناجائز قبضي واري ڪشمير جي حيثيت تبديل ٿيندي ته اسان ڳالهين ۾ امن جي حامي ڌر طور ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿي ويندا سين سرينگر ۾ سياحتي ورڪشاپ منعقد ڪرڻ وارا اهي ڪير ٿيندا آهن؟ ڪشميرين کي پنهنجي محنت جو ميوو پاڻ کائڻ گهرجي نه ته دهلي کي کائڻ گهرجي. جڏهن والاريل ڪشمير جي اڌ حصي تي قبضو آهي ۽ اتي 90 هزار فوجي موجود آهن، اهي ڪهڙي قسم جي سياحت کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن؟ ڪشميري عوام ڊوکي ۾ نه اچي ڪشمير مسئلي جي حل، دهشتگردي کي روڪڻ ۽ خطي جي معاشي خوشحالي ۾ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ آهي ته اها مودي حڪومت آهي. اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ڪشميري عوام پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندي آزادي حاصل ڪندو ڪشميري عوام آزادي بندوق جي زور تي نه پر جمهوريت جي طاقت سان چاهي ٿو "دنيا جي سڀ کان وڏي جمهوريت" جيڪڏهن اِها دعويٰ ڪري ٿي ته پوءِ اها ڪشميري عوام ۽ سندن آزادي کان ڇو ڊڄي ٿي؟ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ريفرنڊم ۽ ووٽنگ جي حق ۾ نعريبازي ڪئي سرينگر جا مزدور ۽ واپاري به اسان وانگر نعرا هڻي رهيا آهن اسان انهن سڀني قومن جا شڪر گذار آهيون جن گڏيل قومن جي قراردادن ۽ عالمي قانونن جي مطابق اصولي موقف اختيار ڪيو آهي. هن سياحت واري ڪانفرنس ۾ شرڪت نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس لاءِ ڀارت جي دوري تي اسان چيو هو ته ڪين اميد کان گهٽ سياح ايندا ۽ ائين ئي ٿيو اسان پنهنجي چيني، سعودي ۽ ترڪي ڀائرن سميت ٻين سمورن ملڪن کي سلام پيش ڪريون ٿا جن ڪشميري عوام جي خاطر مودي ۽ جي 20 جي دعوت کي رد ڪري ڇڏيو جن ملڪن حصو ورتو انهن به ته شموليت کي محدود ڪيو آهي. يا احتجاج ۾ حصو وٺي رهيا آهن. توهان دنيا جي ڪا به اخبار يا رسالو کڻي ڏسو ته ڪشمير کي هڪ عام علائقي طور پيش ڪرڻ جو سندن [هندستاني] مقصد حاصل نه ٿي سگهيو آهي. جڏهن سندن هزارين سپاهي ڪشمير ۾ موجود آهن ته اهي معمول جو پيغام ڪيئن پهچائي سگهن ٿا؟ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ان جا جيالا آخري دم تائين ڪشميري ڀائرن سان گڏ بيٺل رهندا هن چيو ته تاريخ ۾ اهو پهريون ڀيرو آهي ته ڪنهن پاڪستاني پرڏيهي وزير ڪشميري قانون ساز اسيمبلي کي خطاب ڪيو آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مودي جي ڪارروائين خلاف ڪشمير ۽ پيپلز پارٽي کي دعوت ڏيڻ تي ضياءَ قمر جا ٿورا مڃيا. هن پاڪستان تحريڪ انصاف ڪشمير ۽ مسلم ڪانفرنس سميت سمورين سياسي پارٽين جا ٿورا مڃيا جنهن دنيا کي متحد پيغام ڏيڻ ۾ مدد ڪئي. ڪشمير جي مسئلي تي پاڪستان جون سموريون سياسي پارٽيون متحد آهن.

بقايا 08

حريت ڪانفرنس طرفان ڏنل ڪال تي ڪشمير ۾ شٽر ڊائون هڙتال ڪئي پئي وڃي مودي سرڪار طرفان والاريل ڪشمير ۾ غيرانساني پابنديون مڙهيون ويون آهن. سري نگر ۾ ڀارتي فوج، نيم ملٽري فورسز، ايليٽ نيشنل گارڊز ۽ ڪمانڊوز مقرر ڪيا ويا آهن سرينگر جي مختلف علائقن ۾ ڀارتي فوج طرفان دڪاندارن کي گهرائي دڪان کولڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ڀارتي فوج ۽ پوليس طرفان عمل نه ڪرڻ تي سخت نتيجن جون ڌمڪيون به ڏنيون پيون وڃن واپارين جي 20 اجلاس جي خلاف مڪمل شٽر ڊائون ڪري پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي.

بقايا 09

جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ سپريم ڪورٽ رجسٽرار جي عدم پيشي تي اسٽيبلشمينٽ ۽ لا ڊويزن کان راءِ وٺي ايڪشن وٺڻ جي تجويز ڏني وئي نور عالم خان سوال ڪيو ته آرمي، ائٽامڪ انرجي ۽ نيب جي آڊٽ ٿيندي آهي، ڇا سپريم ڪورٽ پاڪستان کان ٻاهر آهي؟ آمريڪا، چين، ڀارت ۽ ڪينيڊا ۾ به سپريم ڪورٽ سميت سڀني ادارن جي آڊٽ ٿيندي آهي هن چيو ته پاڪستان جي آئين تحت پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي پي اي سي ڪنهن کي به طلب ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن سپريم ڪورٽ آڊٽ نه ڪرائيندي ته باقي ادارا به آڊٽ نه ڪرائين. فوج، بيورو ڪريسي سڀ پاڪستان جي آهن. ڪميٽي ۾ سپريم ڪورٽ جي ڊپٽي رجسٽرار شيرافگن ٻڌايو ته سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي انٽرنل آڊٽ ٿي رهي آهي ڪميٽي ميمبر روحيل اصغر چيو سپريم ڪورٽ رجسٽرار نٿو اچي ته ڪيس ناهيو وڃي ته سڄي عمر ڦاسي پئي.

بقايا 10

سان دليري سان مقابلو ڪيو پوليس ۽ فرنٽيئر ڪور جي دستن علائقي ۾ ڀڄي سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي شهيد سيڪيورٽي اهلڪارن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن جتي پوسٽ مارٽم کان پوءِ سندن مڙهه اباڻي علائقن ڏانهن موڪليا ويندا.

بقايا 11

۽ باهه لڳائي 2014 ۾ پي ٽي آءِ پي ٽي وي تي ۽ 2023 تي ريڊيو پاڪستان پشاور تي حملو ڪيو آهي پرتشدد احتجاج، فوجي هنڌن تي حملن ۽ باهه لڳائڻ جو جواز پيش نٿو ڪري سگهجي ذميوارن جي خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيندي عوام جي جان ۽ مال ۽ بنيادي حقن جو تحفظ ڪيو ويندو ملڪ ۾ عام چونڊون پنهنجي مقرر وقت تي ٿينديون اڳاري تي سياسي صورتحال تي پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته بدعنواني جي الزام ۾ عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ ٿيندڙ تشدد جي واقعن جي ٻن هفتن کان پوءِ صورتحال واضح ٿي سامهون آئي آهي ڪيئن واقعا ٿيا 9 ۽ 10 مئي تي ٿيندڙ احتجاج ۾ عوام جي وڏي انگ حصو نه ورتو ۽ نه ئي هي ڪوئي احتجاج جو جمهوري طريقو هو هي هڪ تشدد هو ۽ ان جو مقصد سياسي فائدو حاصل ڪرڻ هو ۽ هي عمران خان جي پولنگ جي شرپسندي هئي. هن چيو ته جمهوري احتجاج پرامن ٿيندو آهي ۽ ان جو اظهار نعرن، پلي ڪارڊز ۽ ٻين طريقن سان ڪيو وڃي ٿو ۽ هن احتجاج جو اظهار تشدد، باهه لڳائڻ ۽ تباهي ڪرڻ جي هٿڪنڊن جي ذريعي ناهي ٿيندو هن چيو ته هاڻي اها ڳالهه به واضح ٿي وئي آهي ته انهن مظاهرن ۾ جنهن قسم جو بيان ڪيو وڃي ٿو ته هزارن جي انگن ۾ ماڻهو شامل نه هئا ۽ عمران خان جي گرفتاري جي خلاف ماڻهن جو وڏو انگ بلڪل ٻاهر نه نڪتو هن چيو ته اسلام آباد ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو هئا ۽ مختلف وڏن شهرن ۾ عمران خان جي پارٽي جا انتشار پسند احتجاج لاءِ نڪتا ۽ انهن ڪراچي کان پشاور تائين سڄي ملڪ ۾ اهڙيون ڪارروايون ڪيون عمران خان جي ماڻهن دفاعي حساس هنڌن تي حملا ڪيا ۽ باهيون لڳايون شهيدن جي يادگارن مواصلات جي نظام، ريڊيو پاڪستان اسڪولن ايمبولينسز پرائيويٽ گاڏين ۽ رڪشائن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو.

بقايا 12

جج بلال بيگ ظل شاهه قتل ڪيس جو محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو جنهن موجب سيشن ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ فرخ حبيب، ڊاڪٽر ياسمين راشد ۽ ميان محمودالرشيد جون عبوري ضمانتون رد ڪري ڇڏيون. عدالت طرفان ٻڌايل فيصلي موجب ضمانتون عدم پيروي جي بنياد تي رد ڪيون ويون ٻئي طرف عدالت فواد چوڌري ۽ راجا شڪيل زمان جي جاچ مڪمل نه ٿيڻ تي عبوري ضمانت ۾ 3 ڏينهن تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي. واضح رهي ته پي ٽي آءِ اڳواڻن خلاف سرور روڊ ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيل آهي.

بقايا 13

معافي گهرندي گلزار امام چيو ته هٿياربند جدوجهد سان بلوچستان جي ترقي رڪجي وئي آهي مان غلط رستي تي هئس دوستن کي به چوان ٿو ته اهي واپس اچي وڃن. صوبائي وزيرداخلا ضياءالله لانگو ۽ سينيٽر آغا عمر احمد زئي ڪوئٽه ۾ اهم پريس ڪانفرنس دوران پابنديءَ مڙهيل تنظيم بلوچ نيشنلسٽ آرمي جي اڳواڻ گلزار امام کي ميڊيا آڏو پيش ڪري ڇڏيو گلزار امام صحافين سان ڳالهيون ڪندي ٻڌايو ته منهنجو تعلق پنجگور جي علائقي پروم سان آهي. مون 15 سال اڳ ڪارروائين جي شروعات ڪئي. ڪجهه وقت اڳ فورسز مون کي گرفتار ڪيو هو ان دوران ماضي تي سوچڻ جو موقعو مليو هن چيو ته بلوچستان جي حقن جي جنگ هٿياربند ٿي وڙهڻ بجاءِ سياسي جدوجهد سان ممڪن آهي رياست کي سمجهڻ کان سواءِ جنگ جي شروعات ڪئي. هٿياربند جدوجهد سان بلوچستان جي ترقي رڪجي وئي. اميد آهي ته رياست ماءُ جي طور تي مون کي اصلاح جو موقعو ڏيندي. گلزار امام چيو ته سموريون قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. بلوچستان ۾ فنڊز ۽ وسيلن جو صحيح استعمال نه پيو ٿئي. رياست بلوچن جا خدشا ختم ڪرڻ لاءِ سنجيده آهي سڄي دنيا ۾ مسئلن جو حل پرامن ڳالهين سان ئي نڪرندو آهي تڪليف ڏيندڙ تجربن کان پوءِ احساس ٿيو ته جنهن رستي جي چونڊ ڪئي اهو غلط هو صوبائي وزيرداخلا لانگو موقعي تي چيو ته ملڪي مفاد لاءِ اسان هڪ پيج تي آهيون. فورسز ۽ ادارن ملڪ خلاف سازشون ناڪام بڻايون، رياست جي وجود کي خطرو ٿيو ته ڪنهن کي به بخش نه ڪيو ويندو حقن لاءِ نوجوانن کي هٿيار ڏئي پهاڙن تي اماڻڻ صحيح عمل نه آهي. رياست جي بنيادن سان ڪيڏانهن لاءِ ڪوبه آپشن نه آهي سينيٽر آغا عمر احمد زئي پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته بلوچن پاڪستان لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن جيڪي ماڻهو واپس اچڻ چاهين ٿا انهن لاءِ پاليسي ناهي وڃي، مفاهمتي عمل ختم نه ٿيڻ گهرجي، قانون جي دائري اندر نوجوانن جي واپسي جو رستو کلڻ گهرجي.

بقايا 14

منظور ڪئي هئي ۽ ڪيس ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو مولانا هدايت الرحمان گوادر ۾ پوليس اهلڪار جي قتل ڪيس ۾ گرفتار هو پنهنجي بيان ۾ مولانا هدايت الرحمان چيو ته مان آزادي لاءِ ڪوشش ڪرڻ تي وڪيلن، جماعت اسلامي جي امير سراج الحق، عبدالحق هاشمي، لشڪري رئيساڻي ۽ همايون ڪرد جو ٿورائتو آهيان سندس چوڻ هو ته حقن جي جدوجهد اڳتي به جاري رهندي.

بقايا 15

سان گڏ آهيان. پي ٽي آءِ جي پاليسين سبب ان جو حصو نٿو رهي سگهان. پي ٽي آءِ جي پنهنجي نالائقي هئي جو دوستن کي مطمئن نه رکي سگهيا. 9 مئي جي واقعن تي ڏکارو آهيان، مڪمل ذميواري عمران خان جي آهي اڳوڻي ايم پي اي چيو ته عمران خان پاڪستان جي نوجوان نسل کي اڪسايو، مان ڪنهن سيٽ جو اميدوار ناهيان. منهنجي ٽڪيٽ ڏيندي مون سان صلاح به نه ڪئي وئي، هاڻ عمران خان سان گڏ نٿو هلي سگهان.

بقايا 16

سان ڳونجي ويو. تقريب ۾ موجود واپاري برادري پاڪ فوج سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو. گورنر سنڌ چيو ته سڄي قوم پنهنجي هٿياربند فوج سان گڏ بيٺل آهي. 9 مئي سانحي جي ذميوارن کي بخش نه ڪيو ويندو، اهو ملڪي سالميت تي حملو هو. ان جي خلاف سڄي قوم هڪ ۽ پرعزم آهي. هن وڌيڪ چيو ته قومي اتحاد لاءِ عالمن ۽ يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جي راءِ ورتي آهي. اوهان کي اڄ سڏائڻ جو مقصد به اهو آهي ته اوهان قومي اتحاد لاءِ صلاح مشورو ڪرڻ آهي، هن چيو ته پاڪ فوج لاءِ پوري قوم جو حوصلو فخر جي ڳالهه آهي، پاڪ فوج اسان جو فخر بابائي قوم اسان جو عظيم اڳواڻ آهي. هن چيو ته هٿياربند فوج قوم جو تاج آهي. پوري قوم کي پنهنجي فوج سان بيحد محبت ۽ عقيدت رکي ٿي. هن چيو ته واپاري ماڻهو ملڪي معيشت ۾ ريڍ جي هڏي وانگر حيثيت رکي ٿي، 5 کان 8 سالن جي ٻارن کي بهتر تربيت ڏيڻ ضروري آهي. ان حوالي سان هن پرائمري ايجوڪيشن ڪميشن جوڙڻ جي تجويز ڏني آهي. تقريب کي خطاب ڪندي مفتي عبدالرحيم چيو ته 9 مئي جو واقعو اسان جي اينٽي پروگرام جي حوالي سان انتهائي خطرناڪ هو. اسان حالت جنگ ۾ آهيون. ملڪي سالميت خلاف سازشون ڪيون پيون وڃن. تقريب ۾ ايڊمنسٽريٽر ڪراچي سيد سيف الرحمان، ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي جي سربراهه زبير موتي والا. درگاهه عيدگاهه شريف راولپنڊي پير حسن حبيب الرحمان. سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ جي سربراهه مولانا بشير فاروقي. جامعه بنوريه عالميه سائيٽ جي سربراهه مفتي نعمان نعيم. جي ڊي سي سربراهه ظفر عباس. ايف پي سي سي آءِ جي نائب صدر سليمان چاولا. چيئرمين آباد الطاف طائي، ڪي سي سي آءِ صدر محمد طارق يوسف. سائٽ سپر هاءِ وي ايسوسي ايشن آف ٽريڊ انڊسٽري جي صدر شاهين الياس سروانا. مشهور صنعتڪار سردار ياسين ملڪ، ادريس گي گي، فرخ امين، مرزا اختيار بيگ، طارق رفيع، ايس خالد تواب، گلزار فيروز، جواد امين خان، سردار محمد ياسين ملڪ، فضل ڪريم داد ڀائي، راحيل رنچ، سليم گوديل، شوڪت علي عس، اختر اقبال، چاهر قائم علي، چوڌري مظهر اقبال، حمزه تاباني، فيصل ميمڻ، آصف سر سر، ذيشان الطاف لوبيا، محمد رضوان، خالد امين، افضل چماديا، فواد بشير، حفيظ عزيز، دانيال ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 17

نئين عالمي تحقيق مان سامهون آئي آهي جنرل نيچر ۾ ڇپيل تحقيق ۾ ٻڌايو ويو ته موجوده رجحان کي نظر ۾ رکيو وڃي ته هلندڙ صدي جي پڇاڙي تائين عالمي گرمي پد ۾ صنعتي دور جي سطح ۾ 2.7 ڊگري سينٽيگريڊ واڌ ٿيڻ جو امڪان آهي ان واڌ جي نتيجي ۾ دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ سراسري گرمي پد انساني برداشت کان ٻاهر ٿي ويندو ۽ اهي رڪارڊ گرمي ۽ موسمياتي شدت کي منهن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويندا. تحقيق موجب 2030ع تائين ٽي 2 ارب ماڻهن لاءِ سالياڻو سراسري گرمي پد 29 ڊگري سينٽيگريڊ کان وڌي ويندو ۽ گهڻيون گهٽ برادريون اهڙي گرمي ۾ زندگيون گهارڻ جون عادي آهن محققن ٻڌايو ته عالمي گرمي پد ۾ واڌ سبب هڪ ارب ماڻهو وڌيڪ ٿڌن هنڌن طرف لڏ پلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا. پر انهن هنڌن تي به گهڻو ڪري هيٽ ويوز ۽ سوڪهڙو پيدا ٿيندو پر سندن چوڻ هو ته جيڪڏهن زهريلن گيسن جي خارج ٿيڻ ۾ گهٽتائي آئي عالمي گرمي پد ۾ واڌ کي 1.5 ڊگري سينٽي گريڊ تائين برقرار رکڻ لاءِ هنگامي قدم کنيا وڃن ته شديد گرمي پد کي منهن ڏيندڙ ماڻهن جي انگ ۾ 80 سيڪڙو گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي اها پنهنجي طرز جي پهرين تحقيق آهي جنهن ۾ گرمي پد ۾ واڌ سان انساني رهائشي هنڌن تي پوندڙ اثرن جو جائزو ورتو ويو تحقيق ۾ ٻڌايو ويو ته هزارين سالن کان انساني آباديون مخصوص گرمي پد ۾ پڪڙجي رهيون آهن ۽ گهڻا ماڻهو اهڙن هنڌن تي رهن ٿا جتي سراسري سالياڻو گرمي پد 13 کان 25 ڊگري سينٽي گريڊ جي وچ ۾ هوندو آهي ان کان وڌيڪ يا گهٽ گرمي پد گهڻي ٿڌي يا گهڻي گرم موسم جو سبب بڻجي ٿو جڏهن ته فوتگين جي شرح به وڌي ٿي اهڙيءَ طرح گرمي پد خوراڪ جي پيداوار ۽ معاشي شرح نمو تي به اثرانداز ٿيندو آهي محققن ٻڌايو ته برداشت کان وڌيڪ گرمي پد مختلف مسئلن جهڙوڪ فوتگين ۾ واڌ، ماڻهن جي پيداواري صلاحيت ۾ گهٽ، دماغي فعلن ۾ هيٺاهين، سکڻ جي عمل تي ناڪاري اثر فصلن جي پيداوار متاثر ٿيڻ ۽ وبائي مرضن جو شڪار بڻجندو آهي.

بقايا 18

بيان موجب سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس لاڙڪاڻو جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه جي هدايت تي ايس يو سي ايل فيڪلٽي ميمبر علي مصطفيٰ ابڙو جي اڳواڻي ۾ ڪمپيوٽر سائنس جي دانش، ارم، نعيم سميت ٻين شاگردن ۽ شاگردياڻين سرسو سکر هيڊ آفيس جي ايچ آر ڊپارٽمينٽ جو مطالعاتي دورو ڪيو. ان موقعي تي سرسو سکر جي ايچ آر مئنيجر شازيه احمد لاڙڪ وفد جي آجيان ڪئي ۽ ايچ آر ڊپارٽمينٽ ۾ هلندڙ ڊائيجي، تنظيم، انتظام، فنڪشن، آپريشن ۽ سرگرمين بابت آگاهي ڏني ان دوران شاگردن مختلف سوال ڪيا ۽ ايچ آر ايس آر ايس او ڊپارٽمينٽ جي پيشه ورانه ڪم بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي ان سلسلي ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو چوڻ هو ته مطالعاتي دوري دوران تمام گهڻو سکيو آهيون سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس طرفان اهڙا اسٽڊي ٽوئر ڪرائڻ گهرجن، جيئن ته اسان جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿي سگهي هن چيو ته سرسو جي جي نظرياتي ڄاڻ مارڪيٽ ۾ عملي صلاحيتن سان مالا مال ڪيو جيڪا پيشه ورانه ترقي لاءِ گهربل آهي. هوڏانهن شاگردن ۽ شاگردياڻين سکر جي مشهور سياحتي هنڌن جو دورو پڻ ڪيو جن ۾ ساڌ ٻيلو ۽ لينزڊائون پل شامل آهن. پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه جو چوڻ آهي ته تعليمي سرگرمين سان گڏ تفريحي سرگرميون پڻ ضروري آهن ان سان شاگردن ۾ اتساهه پيدا ٿئي ٿو ۽ ڪين سکڻ جا نوان ڏس ملن ٿا، هو مايوسيءَ جو شڪار ٿيڻ بجاءِ وڌيڪ محنت ڪرڻ تي زور ڏين ٿا هن چيو ته تعليمي سرگرمين کي سماجي ثقافتي ڊائجي سان ملائي بهتر ماحول ناهي سگهجي ٿو خوشين کي حصيداري ڪرڻ ۽ تجربو ڪرڻ لاءِ ۽ انهن سڀني رنگن توڙي سفر تمام وڏي ڪاميابي طرف اهم قدم هوندا آهن. هن چيو ته سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس لاڙڪاڻو شاگردن ۽ شاگردياڻين کي بهترين ماحول مهيا پئي ڪري جيئن هو بهتر نموني سان معاشري ۾ زندگي گذاري سگهن.

بقايا 19

حوالي سان حاظم ڀنگوار جو چوڻ هو ته هاڻ زخمي نوجوان جي حالت خطري کان ٻاهر آهي ٽريفڪ حادثي ۾ زخمي نوجوان جي اسپتال منتقلي دوران اسسٽنٽ ڪمشنر جون تصويرون ۽ وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويون. جنهن ڪانپوءِ حاظم ڀنگوار جي ان عمل جي واکاڻ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 20

جي زور تي اسان جي ماڻهن کان پارٽي جون وفاداريون بدلايون پيون وڃن. ان عمل سان پارٽي ڪڏهن به ختم نه ٿي سگهندي عمران خان چيو ته هو صرف ڪارڪنن ۽ عورتن لاءِ پريشان آهي. ڪارڪنن توڙي عورتن سان غير امتيازي سلوڪ ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت عمران خان جي 8 جون تائين 8 ڪيسز ۾ عبوري ضمانت منظور ڪري ڇڏي. جج راجا جواد عباس اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي دهشتگردي توڙ ايڪٽ تحت داخل ڪيسز تي ٻڌڻي هلائي پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف نيب جاچ لاءِ پراسيڪيوشن ٽيم جوڙي وئي. ڊپٽي پراسيڪيوٽر جنرل سردار مظفر پراسيڪيوشن جي سربراهي ڪندو سهيل عارف، عثمان مسعود ۽ رافع مقصود پراسيڪيوشن ٽيم ۾ شامل آهن. نيب جي پراسيڪيوٽر جنرل نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو.

بقايا 21

غنڊه گردي ڪندڙ پي ٽي آءِ جي ڪارڪن ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو ضلعي مهمند سان تعلق رکندڙ جوابدار پنهنجي بيان ۾ چيو ته مان زمان پارڪ ۾ لڳايل مختلف علائقن جي ڪئمپس ۾ مهمند باجوڙ ڪئمپ جو حصو هئس اسان جو ڪم عمران خان کي گرفتاري کان بچائڻ هو عمران خان زمان پارڪ ۾ لڳايل مختلف علائقن جي ڪيمپن ۾ موجود ڪارڪنن سان گڏجاڻي ڪئي. جنهن ۾ منصوبه بندي ڪئي وئي ته جيڪڏهن مون کي گرفتار ڪيو وڃي ته اوهان کي اهو سڀ ڪجهه ڪرڻو آهي. جان محمد دعويٰ ڪئي ته جڏهن عمران خان گرفتار ٿيو ته شيخ امتياز سمورن ڪارڪنن کي ڪينٽ طرف مارچ ڪرڻ جو چيو پي ٽي آءِ اڳواڻن خاص طور تي اعجاز چوڌري، ياسمين راشد، ميان محمودالرشيد، ميان اسلم اقبال ۽ ٻيا به موجود هئا. ياسمين راشد ۽ اعجاز چوڌري اسان کي ڪور ڪمانڊر هائوس طرف وڃڻ جو چيو ڪور ڪمانڊر هائوس ۾ ڀڃ ڊاهه دوران مون کي يونيفارم مليو اها پائي مون وڊيو ٺاهي. جان محمد وڌيڪ چيو ته مون ڪور ڪمانڊر جي شرٽ پاتي، جڏهن ته حسان نيازي پينٽ پاتي، مون بعد ۾ يونيفارم جي شرٽ کي باهه ڏئي ساڙيو ڇڏيو ان کان پوءِ ساٿي گروپ پي ايس او پيٽرول پمپ ۽ آرمي اسٽور ۾ داخل ٿي ڀڃ ڊاهه کان علاوه ڦرلٽ ڪئي.

بقايا 22

ڪميشن ڪيس جي ٻڌڻي اليڪشن ڪميشن ميمبر نثار دراني جي سربراهي ۾ 3 رڪني ڪميشن ڪئي جنهن ۾ عمران خان ۽ فواد چوڌري طرفان وڪيل فيصل چوڌري ۽ اسد عمر طرفان معاون وڪيل اليڪشن ڪميشن ۾ پيش ٿيا. وڪيل فيصل چوڌري ڪميشن کي ٻڌايو ته اليڪشن ڪميشن جو آرڊر ڪالهه مليو هو آرڊر دير سان مليو اسان تياري ڪيئن ڪريون اليڪشن ڪميشن ميمبر اڪرام الله خان چيو ته گذريل ٻڌڻي تي به عمران خان کي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو موقعو ڏنو هو وڪيل جواب ڏنو ته اسان جي خلاف 150 ڪيسز آهن. روزاني 36 ڪيسز هوندا آهن. اليڪشن ڪميشن جي ميمبر شاهه محمد جتوئي چيو ته جڏهن 150 ڪيسز نه هئا تڏهن به اوهان پيش نه ٿيا هئا. وڪيل فيصل چوڌري ٻڌڻي جون جي پهرين هفتي تائين ملتوي ڪرڻ جي سفارش ڪندي چيو ته شيرين اسان جي هٿ ۾ نه آهن. اليڪشن ڪميشن اها ڳالهه دماغ مان ڪڍي ڇڏي ته اسان توهين ڪري رهيا آهيون هي ڪيس ته 6 مهينن کان اليڪشن ڪميشن ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي اليڪشن ڪميشن جي ميمبر اڪرام الله خان ٻڌايو ته گذريل ٻڌڻي ۾ پيش نه ٿيڻ تي گرفتاري وارنٽ جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو اليڪشن ڪميشن عمران خان، فواد چوڌري ۽ اسد عمر کي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته ايندڙ ٻڌڻي تي غيرحاضري تي ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪنداسين. جنهن کان پوءِ اليڪشن ڪميشن ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 5 جون تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 23

جوڊيشل ڪمپليڪس جي دهشتگردي توڙ عدالت ۾ پيشي ڪانپوءِ عمران خان نيب راولپنڊي آفيس پهتو. عمران خان جي گهرواري نيب راولپنڊي آفيس ٻاهران ڪار ۾ موجود هئي نيب اڳوڻي وزيراعظم کي 190 ملين پائونڊ منتقلي اسڪينڊل جي جاچ ۾ پڇا ڳاڇا لاءِ برطانوي نيشنل ڪرائم ايجنسي ۾ طلب ڪري ورتو. ان کان اڳ نيب ٽيم عمران خان کي 18 مئي تي طلب ڪيو هو پر هو پيش نه ٿيو هو عمران خان اڄ به پنهنجي گرفتاري جو خدشو ظاهر ڪيو هو. نيب ان ئي ڪيس ۾ عمران خان کي گرفتار ڪيو هو نيب جي گڏيل جاچ ٽيم عمران خان کان باضابطا جاچ ڪري رهي آهي. ذريعن موجب عمران خان کان ڪيس بابت 20 سوالن جا جواب طلب ڪيا ويا، نيب عمران خان کان برطانوي ڪرائم ايجنسي سان ٿيل خط وڪتابت جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو نيب عمران خان کان 19 ملين پائونڊن جي رقم منجمد ڪرڻ جو رڪارڊ به طلب ڪري ورتو ذريعن جو چوڻ آهي ته عمران خان چيو ته 190 ملين پائونڊن بابت فيصلي جو رڪارڊ ڪيبينيٽ ڊويزن وٽ آهي. مون وٽ اين سي اي برطانيه جي رڪارڊ تائين پهچ ناهي، القادر ٽرسٽ جو رڪارڊ اڳ ئي نيب کي ملي چڪو آهي. ذريعن موجب نيب عمران خان کان القادر يونيورسٽي کي مليل سمورن عطين جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو آهي. عمران خان القادر ٽرسٽ کي عطيو ڏيندڙن جو رڪارڊ به طلب ڪري ورتو آهي. عمران خان پاڻ ڪيترا عطيا ڏنا، القادر ٽرسٽ کي ڏيو؟ سندس رڪارڊ پڻ طلب ڪيو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته القادر يونيورسٽي جي پنجاب هائير ايجوڪيشن کان الحاق جو رڪارڊ به طلب ڪيو ويو آهي. القادر ٽرسٽ ۽ ملزم جي ڪمپني وچ ۾ ٿيل ٽرسٽ ڊيڊ جو رڪارڊ به طلب ڪيو ويو آهي.

بقايا 24

وحشيانو حملو ڪري بيگناهه ماڻهن کي شهيد ڪيو پاڪستان تڏهن ئي ترقي ڪندو جڏهن دهشتگردي، ڪرپشن ۽ لاقانونيت جو خاتمو ٿيندو پنجاب ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ان ملڪي معيشت کي سخت نقصان پهچايو آهي، قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو بدين ۾ جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته ڪوڙي آدمشماري جي بنياد تي وسيلن ۽ سياسي نمائندگي تي ڌاڙي جو منصوبو آهي. ڪجهه حلقا سنڌ ۾ غير قانوني ڌارين کي مستقل آباد ڪرڻ چاهين ٿا .لاهور ۽ پنڊي ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ٻين صوبن کي غلط پيغام مليو آهي، سنڌ جا لکين ماڻهو ڊجيٽل مردم شماري خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن. غزاله بتول ۽ محبت سنڌ ريلي جا شهيد جمهوري جدوجهد جا چمڪندڙ ستارا آهن سنڌ حڪومت اقتداري مفادن خاطر 18هين ترميم تان دستبردار ٿي چڪي آهي. ڪراچي جي مذهبي جماعتون اقتدار جي مفادن لاءِ لسانيات جو لبادو ته اوڙين هن چيو ته سنڌ جي مستقل رهواسين جون خوشيون ڏک ۽ درد گڏيل آهن ،روهنگيا معاهدي کي رد ڪيون ٿا، سندن سنڌ ۾ آبادي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. سندس چوڻ هو ته ايران ۽ چين سان معاهدن جي آجيان ڪن ٿا. پاڪستان کي هڪ نئين معاشي، آئيني ۽ سماجي چارٽر جي ضرورت آهي. مسئلن جو حل نڪرائڻ، منصفاڻي، رواداري ۽ جمهوري وفاق آهي هن وڌيڪ چيو ته بدين مان پيٽرول نڪري ٿو ۽ بدين سنڌ جو غريب ترين علائقو آهي. بدين، سڃاول، ٺٽو، دادو، سانگهڙ، ٿر ۽ عمرڪوٽ کي صنعتون ڏنيون وڃن هن چيو ته چونڊون، معاشي بحران ۽ 63 اي تي غور لاءِ سپريم ڪورٽ جي فل ڪورٽ بينچ جوڙي وڃي. سنڌ ۾ بدامني، اغوا ۽ ڦرلٽ جي وڌندڙ واقعن تي سخت ڳڻتي آهي. سردارن ۽ وڏڙن ڇوڪرين جي تعليم ۽ روزگار جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن. سنڌ ۾ بيروزگار ۽ مايوس نوجوان خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن.

بقايا 25

سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ پ پ بلوچستان جو صدر چنگيز جمالي ۽ مير علي حسن زهري به موجود هو ذريعن موجب چامر ڪمال جو تمام جلد پ پ ۾ شموليت جو امڪان آهي.

بقايا 26

جي ڪري اڄ ڪشمور کان ڪراچي تائين عوام امن لاءِ سڪي رهي آهي، پ پ ديرواڙا جيالا هلائڻ بدران ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جي مينڊيٽ کي تسليم ڪري. جيستائين سراج الحق مٿان حملي جو ماسٽر مائنڊ نقو بي نقاب نٿي ٿيستائين حڪومت خود ڏوهاري آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن سکر ۾ ضلعي نظم جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. ضلعي امير ايڊووڪيٽ سلطان لاشاري، سٽي امير زبير حفيظ شيخ اطلاعات سيڪريٽري مجاهد چنا سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. صوبائي امير وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي ظالم سردارن وڏيرن جي ظلم جو شڪار عوام جي اميدن جو مرڪز آهي. بدامني ۽ ڏاڙيل راڄ سنڌ جي عوام کي يرغمال بڻائي رکيو آهي جنهن کان نجات ڏيارڻ جي جدوجهد جاري رهندي. جماعت اسلامي وٽ ديانتداري جو ماڊل آهي جيڪا ڪرپٽ حڪمرانن جي مقابلي ۾ عوام آڏو پيش ڪري ٿي، سنڌ جي ڌرتي شاهد آهي باطل نظام خلاف هميشه حق وارن جي قربانين سان دلين کي فتح ڪيو ويو آهي، وياج واري نظام سبب مهانگائي جو خاتمو ناممڪن آهي. عوام ۾ دين جو شعور پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي، اسان سڀني کي سادگي ۽ قناعت واري زندگي گذارڻ گهرجي هن چيو ته حڪومتي دعوائن جي ابتڙ مهانگائي عوام کي ڏينهن جو تارا ڏيکاري ڇڏيا آهن. پي ڊي ايم حڪومت هڪ سال ۾ قرض جا سڀئي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڊالر 308 روپين تي پهچي چڪو آهي، ڪراچي کان ڪشمور تائين صوبو بدامني جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي، پر حڪمران اگهور ننڊ ۾ پيل آهن، ڪچي ۾ آپريشن جي نالي تي ڪروڙ خرچ ڪرڻ باوجود سنڌ جا ماڻهو امن امان لاءِ سڪي رهيا آهن انڪري اهل ۽ ديانتدار قيادت ۽ نظام جي تبديلي کان بغير ملڪ ۽ قوم جي تقدير بدلائي نٿي سگهجي.

بقايا 27

زمين بنجر بڻجي وئي، انسان، جانور جيوت ۽ پکي پيئڻ جي پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسڻ لڳا، پاڻي جي کوٽ ساحلي پٽي جي سوين ڳوٺن کي ويران ڪري ڇڏيو هزارين ماڻهو پنهنجا گهر، روزگار ۽ زمينون ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا، سڄي علائقي جا جر به زهريلا بڻجي ويا، فصل نه ٿيڻ سبب بيروزگاري وڌڻ ڪري ڪيترن ئي ماڻهن خودڪشيون ڪري پنهنجي زندگي جو ڏيئو ئي اجهائي ڇڏيو ان سلسلي ۾ "عوامي آواز" سان ڳالهائيندي چاڪايل شاخن جي پڇڙي جي زميندارن وحيد رند، مير ممتاز رند، عبدالمناف رند، ماما خدابخش رند، حاجي قابل هنگورو، مولوي اوپايو رند، علم الدين رمضان ڪاتيار، صوفن خاصخيلي، عبدالرزاق خاصخيلي وفا اصغر جت ۽ ٻين جو چوڻ هو ته چاڪايل شاخن ۾ سنڌو درياهه جي ڊائون اسٽريم مان پاڻي ڇوڙ ڪيو ويندو آهي شاخن جي منڍ جا آبادگار غير قانوني واهه، ڪٽ ۽ ڏڪا لڳائي شاخن جو پاڻي ڪٽي وڃن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ ساحلي پٽيءَ تائين پاڻي نٿو پهچي، جنهن ڪري سندن لکين ايڪڙ زمين بنجر بڻجي وئي آهي هنن چيو ته شاخن ۾ پاڻي نه اچڻ ڪري اسان ڪوسٽل ايريا جا ماڻهو سخت پريشان آهيون. اريگيشن کاتي جي ملي ڀڳت سبب شاخن جي منڍ جا زميندار ناجائز ڪٽ، اوور سائيز واٽر ڪورس ۽ غير قانوني شاخن تي ڏڪا لڳائي ويٺا آهن.

بقايا 28

آمريڪي ڊالر 304 سريلنڪن روپيا ۽ 305 پاڪستاني روپيا ٿي ويو ماهرن ٻڌايو ته آءِ ايم ايف سان معاهدي کان پوءِ سريلنڪن روپئي ۾ بهتري آئي آهي جڏهن ته پاڪستاني روپئي ۾ به بهتري جو امڪان آهي هوڏانهن ڀارت ۾ هڪ ڊالر 83 ڀارتي روپيا، افغانستان ۾ 87 افغاني، نيپال ۾ 132 نيپالي روپيا ۽ ڀوٽان ۾ هڪ ڊالر 82 ڀوٽاني نگلٽرم جو آهي.

بقايا 29

جي معاملي تي آءِ جي اسلام آباد کي توهين عدالت ڪيس ۾ ڌر بڻائڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب جي آڏو ڪيس جي ٻڌڻي دوران درخواستگذار استدعا ڪئي ته آءِ جي اسلام آباد کي توهين عدالت ڪيس ۾ ڌر بڻايو وڃي عدالت شيرين مزاري ڪيس ۾ توهين عدالت جي ڌر بڻائڻ جي درخواست منظور ڪندي آءِ جي اسلام آباد کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو ۽ ٻڌڻي 25 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 30

ڦر ڪري فرار ٿي ويا پوليس موجب مارجي ويلن ۾ شو روم جو مالڪ ۽ سندس 2 ساٿي شامل آهن. ڦرلٽ 2 ڏينهن اڳ ٿي هئي، واقعي جي سي سي ٽي وي وڊيو موجب 2 جوابدار ٻن موٽرسائيڪلن تي اچي رهيا آهن. ٻنهي جوابدارن ماسڪ پهريل آهن ۽ منهن لڪايو آهي جوابدارن شوروم ٻاهران ويٺل ٽن ڄڻن کي بندوق جي زور تي ڦر ڪيو، مزاحمت تي مقتول کي تشدد بڻ ڪيو واقعي ڪانپوءِ مٿان موٽرسائيڪل تي فرار ٿيل ٻن ڌاڙيلن کي به پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

بقايا سنڌيار 01

سيڪريٽري محمد زما ميهسر وائيس چيئرمين محمد يعقوب عالماڻي جوائنٽ سيڪريٽري شاهد آرائين ڊويزن ۽ سب ڊويزن جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هٿ ۾ کڻي اپ ڏاريندڙ نعرا هڻندي شهر کان ٿيندي نيشنل پريس ڪلب پهتي ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهد حسين سموءِ علي نواز ملڪ چيو ته نجڪري جي تلوار اسان جي مٿان 15 سالن کان لٽڪيل آهي اسان به احتجاج ڪندا پيا اچون ها حڪمرانن کي پل آ ته نجڪاري ڪنداسين جيسين هڪ به ملازم جيئرو هوندو ته نجڪاري ڪرڻ نه ڏينداسين اڄ مزدورن جي تحفظ جو ڏينهن اسان حڪومت ۽ آفيسرن کي سالن کان تحفظ جي اپيل ڪندا پيا اچون پر اسان جا آفيسر به ڪا ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن هي ورديون آفيسر 5منٽ پائي ڏيکاري ته اسان سلام ڪنداسين مزدورن جو تحفظ نه ٿيندو ته ٽيسٽائين مزدور محفوظ نه آهي حڪومت مزدورن جي تحفظ کي يقيني بنائي اسان پنهنجي مزدور ڀائرن سان گڏ آهيون تحفظ نه مليو سخت کان سخت احتجاج ڪنداسين ڪجهه به ٿيو ته ان جي ذميوار حڪومت ۽ آفيسر هوندا

بقايا سنڌيار 02

هن چيو ته اڄ مئي مهيني جي 23 تاريخ آهي هن وقت تائين اسان وٽ زرعي پاڻي ناهي پهتو جڏهن ته اسان جي ڪنور شاخ جي ڪافي عرصي کان وني ڪاٽي به ناهي ٿي سگهي جنهن سبب هن سال به اسان جا فصل ٿيڻ خواب بڻيل آهن جڏهن ته اسان پاڪستان پيپلز پارٽي جا ورڪر آهيون سڄي عمر پيپلز پارٽي کي ووٽ ڪيو آهي جلسن جلوسن تي پنهنجا خرچ ڪري ايندا آهيون اسان جو ڳوٺ شفيع محمد چانڊيو 2022 واري ٻوڏ ۾ مڪمل ٻڏي تباهه ٿي ويو هو پر هن وقت تائين اسان جي ڳوٺ وارن جي ڪنهن به قسم جي سهائتا ناهي ٿي سگهي جڏهن ته اين جي اوز وارا به ٻين ڳوٺن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن اسان جي ڳوٺ کي هٽ سان نظر انداز ڪيو پيو وڃي هن پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعلي قيادت ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي ڪنور شاخ جي ڪاٽي ڪٽائي اسان جي ڳوٺن تي ڪم ڪري اسان جا ڳوٺ بحال ڪيا وڃن جيئن اسان پنهنجي زندگي نئي سر گذاري سگهون

بقايا سنڌيار 03

چيو ته عدالت جي حڪم تي روينيو ملازم مافيا جو قبضو خالي ڪرائڻ لاءِ سرزمين تي ويا. جتي تپيدار سيد علمدار شاهه کي بيگناهه شهيد ڪري سنڌس گهر اجاڙي ڇڏيو آهي. جنهن واقعي کي هڪ مهينو گذرڻ باوجود شهيد تپيدارن جي قاتلن کي سزائون ملي ناهن سگهيون. جنهن سبب هو نئي جي روڊن تي نڪري احتجاج ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن. هتن گهر ڪئي ته شهيد جي قاتلن کي سخت سزائون ڏياري مقتول جي خون سان انصاف ڪري علمدار شاهه کي شهيد جو درجو ڏيئي سنڌس خاندان کي سموريون مراعتون ڏنيون وڃن. ٻئي صورت ۾ نئي کان احتجاجي تحريڪ شروع ڪري پوري سنڌ تائين وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 04

رشوت جو ڳوڙهه ٻڌجي چڪي آهي رشوت جي رقم نه ملڻ سبب هڪ سال گذرڻ باوجود اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس استادن جون پگهارون ادا نه ٿيون ڪيون وڃن. جن استادن بيزار ٿي رشوت ڏني انهن جون پگهارون جاري ڪيون ويون آهن. باقي ٻين ملازمن کي رلايو پيو وڃي جڏهن ته نوان ڀرتي ٿيل استاد پنهنجا خرچ ڪري مختلف اسڪولن ۾ ڊيوٽي ڪري رهيا آهن ملازم ڦاڪا ڪشي جو شڪار آهن مظاهرين چيو ته خزاني جي آفيسرن ۾ اشرف آرائين ۽ غفار عباسي رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي. جيڪو به ملازم خزاني ۾ اچي ٿو اهي آفيسر رشوت ڪاٽسواءِ ڪم ٽا ڪن احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته جيستائين استادن کي پگهارون نه ڏنيون ونديون اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا سنڌيار 05

ورڪر ريحانه ڪرل رشوت ڏئي صحت کاتي جي ڪريٽ ڪامورن سان ملي پگهت ڪري 17 گريڊ ۾ ترقي حاصل ڪري ورتي. جنهن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. ترقي ملڻ کان پوءِ ريحانه ڪرل کي خيرپور مان بدلي ڪري شيخ زيد اسپتال لاڙڪاڻو بدلي ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ خيرپور جي سماجي اڳواڻن محمد بخش , اڪبر علي, شاهنواز ڪجڙ ۽ ٻين حيرت جو اظهار ڪندي چيو ته افسوس آهي جو صحت کاتي ۾ ڪرپشن عيوض سينئر ملازمن جي حق تي ڌاڙو هڻي .جعلي ڀرتي ٿيلن کي جعلي پروموشن ڏنا پيا وڃن. جنهن جي مزمت ڪريون ٿا. هن چيو ته ريحانه ڪرل هڪ ئي وقت نجي اسڪول هي هيڊ مس, ڊي بي اي جي ميمبر ۽ صحت کاتي جي ملازم بڻيل آهي. پر افسوس آهي جو ادارا خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هتن مطالبو ڪيو ته ريحانه ڪرل جي جعلي ڀرتي, جعلي پروموشن ۽ ڪرپشن جي جاچ ڪري سنڌس خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 06

سنڌن وٽ ڪو چونڊيل نمائندو لڙي آيو مقامي ميڊيا به واقعي کي نظر انداز ڪري ڇڏيو وارثن طرفان لاش جي ڳولها لاءِ مدد جي اپيل ان موقعي تي علائقي جي معززين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ چار ڏينهن گذري ويا آهن وارثن طرفان پنهنجي ننڍڙي جي ديٺ باڊي ڳولهڻ لاءِ ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي آهي. پنهنجي مدد پاڻ وارثن طرفان ديٺ باڊي جي ڳولها جاري آهي پر افسوس جو انتظاميه طرفان وارثن سان ڪنهن به قسم جو تعاون ناهي ڪيو ويو نه وري ڪي ترپا هتي پهتا آهن جيڪي ننڍڙي جي ديٺ باڊي جي ڳولها ڪن اگر اهو واقعو ڪنهن سردار يا وڏيري سان پيش اچي ها ته سڄي سرڪاري مشينري هتي پهتل هجي ها ميڊيا تي ڊوم مچل هجي ها پر افسوس جو غريب جي دانهن ٻڌڻ لاءِ ڪير تيار ناهي هتن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان چيف آف آرمي ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته انتظاميه جي نااهلي ۽ ڪن لاٿار جو نوٽيس وٺي تمام ذميوارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري معصوم نينگر جي ديٺ باڊي جي ڳولها ڪرائي وارثن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي جيئن هو مذهبي رسومات پوريون ڪري پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪري سگهن

بقايا سنڌيار 07

سرڪار کي ته ڏيندڙن خلاف ايڪشن ڪٿڻ ۽ ضرورت پوڻ تي ذخيرو ڪيل ڪڻڪ ضبط ڪري گودامن ۾ منتقل ڪرڻ جي هدايت جاري ڪئي آهي. اهڙو اظهار هن سنڌ حڪومت پاران ڪڻڪ جي مقرر ٽارگيٽ تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ اعلي سطحي گڏجاڻي ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ صدارت ڪندي ڪيو . هن واضح ڪيو ته سنڌ اندر سرڪار پاران مقرر ٽارگيٽ هر قيمت تي حاصل ڪرڻ ۾ پيش ايندڙ ڪا به رڪاوٽ برداشت نه ڪئي ويندي هن وڌيڪ گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪئي ته دادو جي واپارين کي گهرجي ته هو ڪڻڪ جي ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميه سان سهڪار ڪن ۽ ان ڪم کي يقيني بنا ئڻ لاءِ واپاري تي هڪ ڪميٽي تشڪيل ڏني وڃي ته جيئن سرڪاري ٽارگيٽ مڪمل ڪري سگهجي ان لاءِ ضلعي انتظاميا خوراڪ کاتي سان مڪمل سهڪار ڪيو وڃي حڪومت پاران مقرر ڪڻڪ جو ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن به ڪاروائي کان پوئتي نه هٽنداسين. هاڻي آبادگارن توڙي واپارين جي ذميواري آهي ته هو اوليتي بنيادن تي ڪڻڪ سرڪار کي ڏين ٻي صورت ۾ قانون مطابق بنا فرق جي ڪاروائي ڪري ٽارگيٽ مڪمل ڪيو ويندو هن ضلعي روينيو آفيسرن کي خوراڪ کاتي جي عملدارن سان ڀرپور سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن مقرر ڪيل ٽارگيٽ حاصل ڪري سگهجي

بقايا سنڌيار 08

بسن ۽ ڊاٽسن وارا پنج ڪلو ميٽر جو 30 روپيا ڪرايو وٺي رهيا آهن ڪير پڇڻ وارو ناهي اسان غريب مسڪين ماڻهون آهيون روز ڪمايون روز کايون ٿا تازو پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه ب گهٽ ٿيا آهن پر ٽرانسپورٽ جي مالڪن کان ڪير پڇڻ وارو ناهي سنڌ حڪومت ب ڪراين ۾ گهٽتايي جو اعلان ڪيو آهي پر هتي ٽرانسپورٽ وارا اسان کي پنهجي هٿن سان ڦري رهيا آهن ۽ روزانو ڪراين پاڙن تي منهن ماري ۽ جهيڙا جهٽا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا ڳوٺائن ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڪنول نظام ۽ آرٽي نواب شاهه کان مطالبو ڪير آهي ت وڌيڪ ڪرايا وٺندڙ ٽرانسپورٽ جي مالڪن خلاف قانوني ڪاروايي ڪري ڪرايا گهٽ ڪرايا وڃن ت جيين غريب مسڪين ڦرجڻ کان بچي سگهن

بقايا سنڌيار 09

